# پاڪستان جا بحران

# ۽ انهن جو حل

ڊاڪٽر مبشر حسن

منير چانڊيو



Center for Peace & Civil Society
Creativity | Credibility | Commitment

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

21


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | پاڪستان جا بحران ۽ اُنهن جو حل |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ليکڪ: | ڊاڪٽر مبشر حسن |
| سنڌيڪار: | منير چانڊيو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | سيپٽمبر 2009ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلھ: | پنجاھ روپيا |
| ڪُل صفحا: | چوهٺ |


## ڪتابن ملڻ جا هنڌ

تامس اينڊ تامس بُڪ هائوس، ڪراچي- ڪاتياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي- سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد- پٺائي ڪتاب گهر، حيدرآباد- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد- فڪشن هائوس، حيدرآباد- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - گل ڪتاب گهر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گهر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر، مارئي ڪتاب گهر، سکر - مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص، سنڌ بُڪ ڪلب، نوابشاھ.

**All Rights Reserved**


| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Crisis of Pakistan & Solution. |
| **Subject**: | Civil Society Education Series - 13 |
| **Authored by**: | Dr. Mubashar Hassan |
| **Translated by:** | Muneer Chandio |
| **Year**: | November 2009 |
| **Published by**: | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ستاءُ


- پاڪستان جا بحران ۽ اُنهن جو حل 4
- جبر جي رياست 6
- تاريخ تي هڪ سرسري نظر 12
- انتظاميه بمقابله پارليامينٽ 28
- سول انتظاميه بمقابله ملٽري انتظاميه 33
- انتظاميه بمقابله عوام 34
- انتظاميه بمقابله عوامي حڪومت 43
- اسلامي انتظاميه بمقابله عوام 46
- سِول حڪومت بمقابله فوجي اقتدار 49
- انتظاميه بمقابله عدليه 58
- مسئلا ۽ اُنهن جو حل 59

عام طور تي مايوس ۽ هٿ تي هٿ رکي ويٺل اسان پاڪستانين آڏو جڏهن ڪنهن سياسي مسئلي جو حل پيش ڪيو ويندو آهي، تہ ان وقت اسان جي ذهنن ۾ هڪ تڪڙو سوال اُڀرندو آهي، تہ، "ان تي عمل ڪير ڪندو؟" جڏهن تہ اسان ڪي آسمان تي بہ اهڙي ڪا هستي ۽ ليڊر ويٺل نظر نہ ايندو آهي، جنهن تي اسان جو اعتماد هجي ۽ سندس حمايت ڪري سگهجي. اسان فقط دعائون ڪندا آهيون تہ ڪو خميني جهاز ۾ اُڏامي اچي ۽ اسان جا مسئلا حل ڪري.

اسان کي اهو گمان ئي نہ هوندو آهي، تہ جيستائين اسان پنهنجا مسئلا پاڻ حل نہ ڪنداسين، تيستائين اهي حل نہ ٿيندا. اسان کي پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ان کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ هر وقت هوشيار رهڻو پوندو. ان لاءِ اسان کي صديءَ جي هر سال ۽ سال جي هر ڏينهن جدوجهد ڪرڻي پوندي.

ڪنهن آمراڻي حڪومت کي فقط سياسي طاقت جي ذريعي ئي روانو ڪري سگهجي ٿو، ۽ ان جي جاءِ تي جمهوري حڪومت آڻي سگهجي ٿي. اڄوڪي زماني ۾ اهو ڪم ووٽن جي طاقت سان بہ ڪري سگهجي ٿو. تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ بندوق ۽ تلوار جي زور تي ايندڙ حڪومتن جو مزاج آمراڻو ٿيندو آهي، اهي حڪومتون جمهوري نہ ٿيون ٿي سگهن.

چونڊن جي ذريعي ٺهندڙ هر حڪومت لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ اها جمهوري بہ هجي ۽ اها جمهوريت جي طاقت سان قائم بہ رهي سگهي. ان حوالي کان لياقت علي خان، خواجہ ناظم الدين ۽ ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومتن جو مثال پيش ڪري سگهجي ٿو. ووٽن ذريعي حڪومتن ۾ ايندڙ انهن قابلِ احترام اڳواڻن جي حڪومتن جو بنياد عوامي طاقت نہ هو پر انگريزن جي ٺاهيل حڪومت جي نظام ملٽري ۽ سِول انتظاميہ واري طاقت تي هو. ان ڪري وڏيءَ آسانيءَ سان ملٽري ۽ سِول جي غير جمهوري ۽ اڻ چونڊيل طاقت ڪائنئن حڪومت کسي ورتي ۽ اسان شهري هڪٻئي جو منهن ڏسندا رهياسين.

هن پياري ملڪ جو استحڪام، امن امان ۽ خوشحالي چاهيندڙ فرد هن ڪجھ صفحن ۾ بيان ٿيندڙ مسئلن ۽ انهن جي پيش ٿيندڙ حلن تي غور ڪن ۽ ان تي نظرثاني ۽ اصلاح ڪرڻ ڪانپوءِ مناسب لفظن ۾ پاڪستان جي شهرين جي اڳيان هڪ منشور جي شڪل ۾ پيش ڪن ۽ ملڪ جي نوجوانن ۽ خاص طور تي شاگردن ۽ عوام ۾ ان جي تشهير ڪن، تہ جيئن پاڪستان جي ووٽرز ۾ سجاڳي اچي ۽ اهي هر سطح تي اقتدار سنڀالڻ لاءِ منظم ٿين ۽ سندن چونڊيل قانون ساز ادارا اهڙا قانون ٺاهين، جنهن سان صوبا اسلام آباد جي ۽ ضلعا لاهور، ڪراچي، پشاور ۽ ڪوئيٽا جي آفيسرن جي جبر مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهن. نئين نظام تحت شهري هر سطح تي آئين مطابق ملڪ جو اقتدار سنڀالي وٺن ۽ ملڪ ۾ جمهوريت جو هڪ دؤر شروع ٿئي.

# جبر جي رياست

پاڪستان ۾ هر ٻيري ڪجهہ سالن ڪانپوءِ بحران ڇو ايندا آهن؟ ڪڏهن انتظاميہ ۽ پارليامينٽ جي وچ ۾ تڪرار ڳَر ڪٽي بيهندا آهن تہ ڪڏهن وري عدليہ ۽ انتظاميہ جي وچ ۾، ڪڏهن عوام ۽ انتظاميہ جون جهڙپون ڪاروبارِ حڪومتءِ ڪاروبارِ زندگيءَ ۾ ٿين ٿيون تہ ڪڏهن وري ملٽري ۽ سِول انتظاميہ پاڻ ۾ وڙهي پون ٿا. ڪڏهن ڪڏهن حڪمران طبقن ۾ بہ مٺا ڪُٽ ٿيندي رهي ٿي. ملڪ جي غريب ۽ ڪمزور طبقن جا ڪجهہ حصا بہ پنهنجي سادگيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن گروهہ، پارٽيءَ يا ليڊرشپ جو ساٿ ڏيڻ کي پنهنجن مسئلن جو حل سمجهندا آهن. هو بہ ڪڏهن ٻولي، ڪڏهن قوميت، ڪڏهن روزگار ۽ ڪڏهن پنهنجي محبوب اڳواڻ جي عشق ۾ وڳوڙن ڪرڻ ۾ شامل ٿي ويندا آهن. لٺيون، ڪوڙا ۽ گوليون کائيندا آهن، جيلن ۾ ويندا آهن، جنهن جو هن وقت تائين نتيجو اهو نڪرندو رهيو آهي، جو حڪومت ۽ رياست جي پُٺڀرائي ڪندڙ طاقت حرڪت ۾ اچي ويندي آهي. رياست جي وهنوار جو هڪ ڍانچو سامهون ايندو آهي يا ڪڏهن فقط اقتداري ڌرين جا چهرا تبديل ٿيڻ کي ئي وڏي ڳالهہ سمجهيو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح هر ايندڙ حڪمران طبقي کي ڪجهہ سال وڌيڪ ملي ويندا آهن ۽ محروم ۽ محڪوم عوام تي انتظاميہ جو جبر وڌي ويندو آهي ۽ عوام جا مسئلا ويتر وڌي ويندا آهن.

گذريل سٺ سالن ۾ نت نون بحرانن کان بچڻ لاءِ ۽ آئين جي پائيداريءَ جي لاءِ ملڪ ۾ هر طرح جا طريقا استعمال ڪيا ويا آهن. اَٺ صدر ڪرسيءَ تان لاٿا ويا آهن، ڏهہ پارليامينٽون ٽوڙيون ويون آهن، ڪيترائي چيف جسٽس ريٽائرڊ

ڪيا ويا آهن. ٻارنهن وزيراعظم گهر موڪليا ويا آهن. هڪ کي ماريو ويو آهي، ٻن وزيراعظمن کي جلاوطن ڪيو ويو آهي. ڪيترين ئي چونڊون ڪرايون ويون آهن. صدارتي ۽ پارلياماني نظامن جو تجربو ڪيو ويو آهي، مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ ڪڏهن آفيسر، ڪڏهن جاگيردار ته ڪڏهن صنعتڪار وزيراعظم ٿيا آهن؛ ۽ ڪڏهن جابر ترين اقتدار جا گهرجائو آمر مارشل لا لڳائي حڪمران بڻيا آهن؛ پر بحران ايندا رهيا آهن. هڪ بحران ته ملڪ کي ٻن حصن ۾ ٽوڙي به ڇڏيو آهي. بحرانن کان بچڻ جا جيڪي به طريقا اختيار ڪيا ويا آهن، اهي فائديمند نه ٿيا آهن. گذريل سٺ سالن کان پاڪستان بحرانن جي ڳُن ۾ ڦاٿو گهوماٽيون پيو کائي.

ملڪ جي تاريخ جي مطالعي مان اهڙن بحرانن جي بنيادي سببن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي، ته موجوده دؤر ۾ ڪنهن به رياست جي يڪجهتي، پائيداري ۽ خوشحاليءَ لاءِ ضروري آهن، ته ان جا بنيادي شرط پورا هجن. گذريل چار سئو سالن کان پيداواري ذريعن، لڏپلاڻ، حملن ۽ جنگي هٿيارن ۾ انقلابي تبديلين جي ڪري بادشاهاڻي نظامن جو خاتمو ٿيو ۽ هڪ نئين حڪومتي نظام جو بنياد رکيو ويو. عوام جي اجتماعي طاقت بادشاهه جي جڳهه حاصل ڪئي ۽ عوام جي رياست لاءِ چيو ويو ته هڪ اهڙي رياست، جنهن ۾ رياست جي مشينريءَ جي طاقت شهرين جي پنهنجي طاقت هجي، جيڪا هو اجتماعي طور تي پنهنجي مثان ايئن استعمال ڪن، جيئن انهن جي ذاتي آزاديءَ تي ڪو حرف نه اچي. سندن گهر سندن قلعا هجن، جن ۾ ڪوبه سندن اجازت کان سواءِ نه اچي سگهي. اهڙين رياستن ۾ شهرين جي حيثيت بادشاهه واري هوندي آهي. اِها جمهوري رياست جي وصف آهي. جمهوري رياست جي دفاع ۽ ڪاميابيءَ لاءِ ماڻهو مال ۽ جان به قربان ڪري ڇڏيندا آهن. سڄي دنيا اهڙين رياستن کي پائيندي آهي ۽ انهن جي شهرين کي عزت جي نگاهه سان ڏسندي آهي. رياست جا شهر پنهنجن وسيلن تي پاڙيندي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ دل لڳائي محنت ڪندا آهن. جنهن جي ورڇ منصفاڻي ٿيندي آهي. امير بيحد امير ناهن هوندا، غربت نه هوندي آهي، روزگار جا موقعا عام هوندا آهن. بيروزگارن، بزرگن ۽ معذورن کي امداد ڏني ويندي آهي.اهڙين رياستن ۾ ناروي، سويڊن ۽ فن ليند جو شمار ڪيو وڃي ٿو.

1947ع کان اڳ هندستان جمهوري رياست نه هو ۽ نه ئي گذريل سٺ سالن جي جدوجهد ۽ قربانين جي باوجود پاڪستان هڪ جمهوري رياست بڻجي چڪو

آهي. اڄ بہ رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ هڪ وڏو خال آهي. اڄ شهري ڪنهن بہ سطح تي رياستي جبر جي ادارن پوليس، فوج، عدليہ ۽ ٽيڪسيشن جي ادارن کي نہ رڳو پنهنجو نہ ٿا سمجهن، پر انهن کي پنهنجو مخالف ۽ جابر جو اوزار سمجهن ٿا. رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ ڪوبہ سماجي معاهدو نہ آهي، جيڪو ڪنهن بہ رياست جي مضبوطيءَ ۽ ڪاميابيءَ لاءِ نهايت ضروري هوندو آهي.

جمهوري رياست ۾ هر سطح تي چونڊيل ادارن جي حڪومت هوندي آهي. شهري ملڪ جو آئين ٺاهيندا آهن ۽ ڳوٺن، شهرن، تعلقن، ضلعن، صوبن ۽ وفاقي سطح تي پنهنجي چونڊيل ادارن ذريعي رياست جا فرض پورا ڪندا آهن. ان جي ادائگيءَ جا اختيار بہ ان ادارن کي ڏيندا آهن. جيڪو فرض هيٺين سطح تي ادا نٿو ڪري سگهجي، ان کي مٿين سطح تي پورو ڪيو ويندو آهي. مثلن سرحدن جي حفاظت ۽ خارجہ پاليسين جون ذميداريون وفاقي حڪومت جي حوالي ڪيون وينديون آهن. ٻئي طرف شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت، انصاف جي فراهمي، پر انصاف اهڙو هجي، جيڪو شهرين کي لڳي تہ انصاف آهي، اهو شهرين جي اکين جي سامهون ڪيو وڃي ۽ ان ۾ شهرين جي شموليت هجي. اهو انصاف رياست جي هيٺين کان هيٺين سطح تي ڪيو وڃي. آمريڪا ۾ چوريءَ ۽ قتل جي وارداتن جي مقدمن جا فيصلا جج ۽ جيوريءَ جي سامهون ڪيا ويندا آهن. عدالت ۾ پيش ڪئي ويندڙ ملزم تي جرم ثابت ٿيڻ جو فيصلو جيوري ڪندي آهي. جيوريءَ جو انتخاب رياست جي وڪيل ۽ ملزم جي اتفاق سان ڪيو ويندو آهي. جيوريءَ لاءِ اتفاق راءِ سان فيصلي تي پهچڻ ضروري هوندو آهي. جيوري جنهن کي بري ڪري ڇڏي، ان خلاف اعليٰ ڪان اعليٰ عدالت ۾ بہ اپيل نہ ٿي ڪري سگهجي ۽ جيوري جنهن کي مجرم قرار ڏئي ڇڏيندي آهي تہ ان لاءِ سزا جج مقرر ڪندو آهي، جنهن خلاف ڪٿي بہ اپيل نہ ٿي سگهندي آهي. اهڙيءَ ريت تمام جلد حتمي فيصلا ڪيا ويندا آهن ۽ انهن کي عوام جي حمايت حاصل هوندي آهي.

ڪجهہ سال اڳ ۾ آمريڪا ۾ امير گورن جي علائقي ۾ رهندڙ هڪ امير ۽ مشهور ڪاري نسل جي شخص تي سندس زال جي قتل جو ڪيس هلايو ويو. هن عدالت ۾ اپيل ڪئي تہ گورن جي علائقي مان چونڊيل جيوريءَ مان هڪ ڪاري نسل جي ماڻهوءَ لاءِ انصاف جي توقع نہ ٿي ڪري سگهجي. عدالت هن جو ڪيس ڪارن جي آباديءَ واري هڪ علائقي جي حوالي ڪري ڇڏيو. ڪيس هليو،

جيوريءَ جي راءِ ۾ رياست جو وڪيل ۽ گواهہ ڏوهہ جا جوڳا ثبوت پيش نہ ڪري سگهيا ۽ ملزم کي آزاد ڪيو ويو.

پاڪستان جي سپريم ڪورٽ بہ تازو ئي هڪ فيصلو ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ جج جي خلاف ضابطن جي پيچڪڙيءَ جي ڪارروائيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو حق فقط هن جي هم منصف ۽ هم منصب ججن کي ئي حاصل آهي، انتظاميہ جي سربراهن کي نہ آهي. اهو حق يا اُصول هڪ هزار سال پراڻو آهي، جنهن کي برطانيہ جي امرا اهڙي محاذ آرائيءَ کان پوءِ پنهنجي بادشاهہ کان حاصل ڪيو هو ۽ ان حق کي جمهوريت جو بنياد قرار ڏنو هو. پاڪستان ۾ ڪنهن فوجي آفيسر جي خلاف فيصلو ڪورٽ مارشل ڏيندي آهي، جيڪا فوجي آفيسرن تي مشتمل هوندي آهي. اهڙيءَ طرح سول سروس ۾ بہ ڪنهن آفيسر جي خلاف جاچ پڙتال ۽ ان کانپوءِ ڪارروائيءَ جو فيصلو سِول آفيسرن جي ڪميٽي ئي ڏيندي آهي پر اسان جي ڳوٺن يا شهري علائقن ۾ جيڪو فيصلو ڪيو ويندو آهي، اهو هڪ انتظاميہ جي ملازم جي سامهون ڪيو ويندو آهي، جيڪو انصاف جي بنيادي اُصولن جي پيچڪڙي آهي. ملڪ ۾ عدالتي فيصلن جي غير مقبوليت ۽ بدناميءَ جو وڏو سبب بہ اهو ئي آهي. اهو مجموعي طور تي شهرين جو پنهنجي مٿان حڪومت ڪرڻ واري حق جي پيچڪڙي آهي.

جڏهن ڪنهن بہ رياست ۾ جان ۽ مال جي حفاظت ۽ انصاف جي فراهميءَ جون ذميواريون شهرين جي اجتماعي طاقت سان نهيل حڪومت پوري ڪندي آهي، جنهن جي ڪري هو پنهنجي ڀرپور زندگي گذارڻ لڳندا آهن تہ پوءِ ان سان گڏوگڏ شهرين کي اهو بہ خطرو رهندو آهي تہ ڪٿي حڪومت انهن جي آزاديءَ ۾ تہ دخل نہ پئي ڏئي؟ ڪٿي شهرين کي بي جا حراست ۾ تہ نہ ٿو رکيو وڃي؟ ۽ شهرين کي حراست ۾ تشدد جو نشانو تہ نہ ٿو بڻايو وڃي؟ ساڻن هتڪ آميز رويو تہ نہ ٿو رکيو وڃي؟ شهرين کي انصاف مهيا ڪرڻ واري طريقي ۾ ڪا رڪاوٽ تہ نہ آهي؟ جج ڪنهن دٻاءَ ۾ تہ نہ آهن؟ ملڪ ۾ ڪو اهڙو قانون تہ نہ آهي، جو ڪنهن کي بنا ڪنهن مقدمي هلائڻ جي جيل ۾ وڌو وڃي؟ شهرين جي تقرير، تحرير، يونين ۽ تنظيم سازيءَ جي آزاديءَ تي ڪو حرف تہ نہ ٿو اچي؟ رسالن ڪيڻ، اخبارون جاري ڪرڻ، ريڊيو اسٽيشن ٺاهڻ ۽ ڇپائي خانن تي ڪا پابندي تہ نہ آهي؟ ڪارخانن ۾ مزدورن وٽ پنهنجي اُجرت وڌائڻ لاءِ هڙتال جو حق آهي يا نہ؟ عورتن جو درجو مردن کان گهٽ تہ نہ آهي؟ مردن سان ڪو امتيازي سلوڪ تہ نہ ٿو ڪيو وڃي؟ ٻارن جا حق تہ غضب نہ ٿا ڪيا وڃن؟ ڪنهن شهريءَ جي مذهبي

حقن تي تہ پابندي نہ آهي؟ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجون رسمون ادا ڪرڻ جي حق جي پوري آزادي آهي يا نہ؟ ڪارخانن ۾ مزدورن وٽ پنهنجي اُجرت وڌائڻ لاءِ هڙتال ڪرڻ جو حق آهي يا نہ؟

شهري آزادين ۾ ثقافتي آزادين کي بہ وڏي اهميت حاصل هوندي آهي. قديم تهذيبن جي ماڻهن کي پنهنجي مادري زبان ۽ ادب سان گهرو لڳاءُ هوندو آهي. زبان جي ذريعي ئي سندن شخصيت ۽ تهذيب هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين قائم رهندي آهي. هو پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو ساهہ بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. پهرين مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ اولهہ يورپ ۾ زبان جي بنياد تي هڪ درجن ملڪ وجود ۾ اچي ويا هئا. ٻوليءَ جي مسئلي تي شهرين جو ساهہ اٽڪيل رهندو آهي. ان سان گڏوگڏ موسيقيءَ، رقص ۽ ٻين ثقافتي روايتن تي بہ ڪين فخر هوندو آهي ۽ هو انهن جي اهميت کي گهٽائيندڙ ڪوشش جي مخالفت ڪندا آهن.

شهري آزادين جي حوالي کان آزاد ملڪن جي شهرين کي هر وقت اهو خوف لڳو پيو هوندو آهي تہ تعلقي، ضلعي، صوبي ۽ وفاق جي ڪائونسلن ۽ اسيمبلين جي اليڪشن ۾ ڪنهن ٻيءَ طاقت جي مداخلت تہ نہ پئي ٿئي! ڪٿي ايئن تہ نہ آهي جو ڪا غير شهري طاقت چونڊيل ادارن کي هٽائي ۽ ختم ڪري ڇڏي. اهڙي ڪنهن بہ فعل کي شهري پنهنجي آزاديءَ تي حملو تصور ڪندي، اهو سمجهندا آهن تہ ڪٿي کين غلام تہ نہ ٿو بنايو وڃي؟

شهري آزادين کان محروميءَ جو مطلب اهو آهي تہ حڪومتي اهلڪار شهرين جي بنيادي حقن جي خلاف ورزي ڪندي مختلف طريقن سان مٿن ظلم ڪري رهيا آهن. اهڙن ظلمن ۽ زيادتين جي ستايل شهرين ۾ حڪومت ۽ رياست جي مخالفت ايتري قدر وڌي ويندي آهي، جو بغاوت جا جذبا پيدا ٿيڻ فطري هوندا آهن. اهڙن جذبن جي موجودگيءَ ۾ جيڪڏهن شهري خوراڪ جي ڪمي، بيروزگاري، مهانگائي ۽ ٻين ضرورت جي شين ۾ عدم فراهميءَ جهڙن مسئلن ۾ ورتا پيا هجن تہ رياست جي مخالفت ۾ شدت اچي ويندي آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ ٻوڏ يا ڪنهن بيماريءَ کان تباهي تہ ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڏيندي آهي.

پُنين صفحن ۾ جديد دؤر جي جمهوري رياست جي وصف ايئن بيان ڪئي وئي هئي: اهڙي رياس، جنهن جي مشينريءَ جي طاقت شهرين جي پنهنجي طاقت هجي، جيڪا هو پنهنجي مٿان اجتماعي طور تي ايئن استعمال ڪن، جو سندن

ذاتي آزادين تي ڪوبہ حرف نہ اچي. رياستي ادارا ڳوٺن کان وٺندي وفاق تائين شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ انصاف جي فراهمي، چونڊيل ادارن جي نگرانيءَ ۾ قانون مطابق ڪن. ان سان گڏوگڏ هڪ آزاد عدليہ جي ذريعي شهرين جي ذاتي آزاديءَ جو تحفظ بہ يقيني هجي.

# تاريخ تي هڪ سرسري نظر

جمهوري رياست جي معيار جي روشنيءَ ۾ پاڪستان جي تاريخ جو مطالعو واضح ڪري ٿو تہ جنهن آئين ۽ مشينريءَ سان انگريزن اقتدار ڇڏيو هو، اهو ڪنهن بہ طرح جمهوري نہ هو ۽ نہ ئي گذريل سٺ سالن ۾ پاڪستان جي اقتدار ڌڻين ڪڏهن ان کي جمهوري ڍانچي ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شهرين جي غير منظم ۽ انفرادي طاقت ۽ رياستي مشينري (يعني پوليس، ٿاڻي ۽ جيل جي منظم شڪل ۾) جي محاذ آرائي ٿيندي رهي آهي.

پاڪستان برطانوي پارليامينٽ جي قانون تحت وجود ۾ آيو هو. ان قانون تحت هندستان جي آئين ۽ قانون تان لنڊن جي حڪومت جي بالادستي ختم ٿي وئي هئي. اهو لاڳو ٿيل قانون هندستاني گورنمينٽ جي 1935ع وارو ايڪٽ هو، جنهن ۾ هڪ مرڪزي اسيمبلي هئي، گورنر جنرل هو، صوبائي گورنر ۽ صوبائي اسيمبليون هيون، لوڪل گورنمينٽ جون ڪائونسلون ۽ ميونسپالٽيون هيون، هاءِ ڪورٽون هيون ۽ هڪ فيڊرل ڪورٽ هئي. سول انتظاميہ جي مدد لاءِ فوج هئي، جيڪا گورنر جنرل جي ماتحت نہ هئي پر برطانيہ جي تاج جي ماتحت هئي. سول انتظاميہ جو هڪ مضبوط ڍانچو هو، جيڪو سڌو لنڊن جي ماتهت هو. پرڏيهي وزارت ۽ دفاعي وزارت جو وجود نہ هو، ڇو تہ اهي فيصلا لنڊن ۾ ڪيا ويندا هئا. اهو پورو نظام قانون ۾ ڏنل هو، جيڪو اوڻويهين صديءَ ۾ ٺاهيو ويو هو. پاڪستان جي آزاديءَ واري قانون تحت برطانوي ڪابينا ۽ وزير هند جي نگراني ختم ڪئي وئي. اسان جي ملڪ جي اسيمبليءَ کي آئين ساز اسيمبليءَ جو درجو ڏنو ويو.

جنهن قائداعظم کي پنهنجو صدر چونڊيو جيڪو گورنر جنرل سان گڏوگڏ مسلم ليگ جو صدر بہ هو. اهڙيءَ ريت چوڻ ۾ هن وٽ سڀ اختيار هئا.

قائداعظم وٽ نہ ڪا اهڙي تنظيم هئي ۽ نہ ئي ڪو ٿنڪ ٽينڪ جو ڪو ادارو هو جيڪو کيس معلومات ۽ تجزيہ پيش ڪري ها. جنهن تي پاليسي سازي ڪئي وڃي ها. معلومات لاءِ قائداعظم وٽ انگريز جا ٺاهيل انٽيليجنس ادارا ۽ آفيسر شاهيءَ وارا ادارا موجود هئا. جيڪي قائداعظم ۽ ان کانپوءِ وارن حڪمرانن کي معلومات ۽ نئين پاليسين لاءِ تجويزون پيش ڪندا رهيا. مطلب تہ حڪومت فوجي ۽ سول آفيسر شاهيءَ جي هٿ ۾ هئي. قائداعظم ۽ ان کان پوءِ جا وزيراعظم رڳو نالي جا حڪمران هئا.

## صوبو سرحد:

14 آگسٽ 1947ع کانپوءِ مرڪزي انتظاميہ جي سامهون سرحد ۾ پختونن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ واري جذبي جي پس منظر ۾ ڊاڪٽر خان صاحب جي صوبائي حڪومت کي قائم رکڻ يا نہ رکڻ جو مسئلو اُٿي ڪڙو ٿيو. ڊاڪٽر خان صاحب جي ڪانگريسي صوبائي حڪومت 1946ع وارين چونڊن کان پوءِ وجود ۾ آئي هئي ۽ اتان جي عوام جي چونڊيل ۽ جائز حڪومت هئي. جڏهن تہ اها بہ حقيقت هئي تہ سرحد جي عوام ريفرنڊم ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ فيصلو ڏنو هو ۽ ڊاڪٽر صاحب ۽ ان جي جماعت هندستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ووٽ ڏنو هو. هڪ ٻي پيچيدگي اها بہ هئي تہ افغانستان کي بہ ان پختون علائقي جي آزاديءَ ۽ خودمخياريءَ ۾ وڏي دلچسپي هئي. 1919ع ۾ انگريز حڪومت هندستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ ٿيندڙ هڪ معاهدي ۾ ٽيون پيرو ان ڳالھ جي توثيق ڪئي هئي تہ افغانستان کي هندستان جي قبائلي علائقن جي حالتن جي باري ۾ دلچسپي رکڻ جو حق حاصل آهي. مرڪزي حڪومت وٽ نہ رڳو صوبي ۾ ڪانگريسي حڪومت جو مسئلو هو پر افغانستان سان وڌندڙ ڪشيدگيءَ جو بہ هو.

پاڪستان ٺهڻ کان هڪ هفتو پوءِ 22 آگسٽ 1947ع تي ڊاڪٽر صاحب خان جي حڪومت کي گورنر جنرل جي حڪم جو نشانو بڻايو ويو. جڏهن تہ ايوان ۾ سندس اڪثريت هئي. جيڪڏهن هن کي هٽائڻ جو ئي مقصد هو تہ اسيمبليءَ ذريعي جمهوري نموني هٽايو وڃي ها. پر ايئن نہ ڪيو ويو. گورنر جنرل جي هدايت تي گورنر هن جي وزارت کي برطرف ڪري ڇڏيو ۽ عبدالقيوم خان کي وزير اعليٰ

مقرر ڪيو ويو. سرحد اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ جون سيٽون 15 ۽ ڪانگريس جون 21 هيون. عبدالقيوم خان آمراڻن طريقن سان عبدالغفار خان ۽ ان جي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر خان صاحب جي حڪومت جي خلاف سخت قدم کنيا. عبدالغفار خان کي گرفتا رڪري فرنٽيئر ڪرائيمز رولز تحت ٽن سالن لاءِ جيل ۾ وجهي ڇڏيائون. سرخ پوشن طرفان هڪ وڏو جدوجهد جو سلسلو هلايو ويو ته سندن ليڊرن کي آزاد ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ جڏهن ٻاٻڙه ۾ جلسو ڪيو ويو ته ان تي پوليس انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 200 کان 800 ماڻهو مارجي ويا. صوبي سرحد ۽ مرڪزي حڪومت جي وچ ۾ مخالفت جو ٻوٽو وڏي وڻ تي ويو.

1948ع ۾ خان عبدالغفار خان ۽ عبدالحميد اچڪزئي پختون قوم لاءِ حقِ خود اختياريءَ جو مطالبو ڪيو ۽ سيني پختون علائقن تي ٻڌل پختونستان ٺاهڻ لاءِ آواز اُٿاريو. ڳُجهين ايجنسين ۽ صوبن مان رپورٽون آيون، غير سياسي تجزيا پيش ٿيا ۽ احمقاڻا فيصلا ڪندي طاقت جو استعمال ڪيو ويو. حڪومت ان تحريڪ کي سختيءَ سان چٿيو ۽ هزارين ماڻهن کي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو.

قائداعظم پاران خان عبدالغفار خان ۽ ان جي چونڊيل وزير اعليٰ ڀاءُ جي خلاف ڪيل ڪارروائي انگريز انتظاميه جهڙي هئي. اها هڪ انتقامي ڪارروائي هئي. مسئلي جو ڪو سياسي حل نه ڪڍيو ويو هو. اها ڪوشش ئي نه ڪئي وئي ته سنڌين، بلوچن ۽ پختونن ۾ مرڪزي حڪومت، مسلم ليگ ۽ قائداعظم جي خلاف وڏندڙ ردعمل جي باري ۾ سوچيو وڃي.

مرڪزي حڪومت جي اهڙن غير جمهوري قدمن جي ڪري صوبي سرحد ۾ هڪ اهڙي شخص جي آمريت مڙهجي وئي، جنهن وٽ جمهوريت، آزادي، انصاف ۽ اخلاق جهڙن لفظن جي ڪا معنيٰ نه هئي. هو اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ ان کي برقرار رکڻ لاءِ هر حربي کي جائز سمجهندو هو. عبدالقيوم خان ئي قائداعظم ۽ لياقت علي خان کي ڊاڪٽر خان صاحب پاران 15 آگسٽ تي "آزاد پختونستان" جي اعلان ڪرڻ واري گمراهه ڪندڙ خبر پهچائي هئي. عبدالقيوم خان جي ان مجرماڻي ڪوڙ جو مقصد اهو هو ته جيئن صوبي سرحد جو اقتدار هڪدم سندس حوالي ڪيو وڃي. جڏهن 22 آگسٽ 1947ع تي کيس اقتدار ڏنو ويو ته هن اهڙا ته آمراڻا ۽ ظالماڻا قدم کنيا، جو پاڪستان جون سموريون جمهوريت پسند ڌريون ششدر ٿي ويون ۽ هنن ايئن پئي سمجهيو ته صوبي سرحد کي ان وقت هڪ خونخوار بگهڙ جي حوالي ڪيو ويو آهي.

آگسٽ 1947ع ۾ قائداعظم جي صدارت هيٺ مرڪزي حڪومت پاران صوبي سرحد جي چونڊيل حڪومت کي برطرف ڪري هڪ نهايت غلط روايت وڌي وئي. جيڪا صوبائي حڪومت جي آزاديءَ تي هڪ ڪاري ضرب هئي. ان فيصلي ڪانپوءِ صوبائي حڪومتن جو وجود مرڪزي حڪومت يعني مرڪز جي آفيسرشاهيءَ جي ور چڙهي ويو. وزير اعليٰ جي حمايت لاءِ صوبائي اسيمبلين ۾ اڪثريت حاصل ڪرڻ واري حيثيت هڪ مذاق بڻجي ويو. صوبائي اسيمبليءَ کي چونڊيندڙ عوام جا حق بُريءَ طرح پائمال ڪيا ويا. صوبائي خودمختياري هڪ ڍونگ بڻجي وئي. سڄي ملڪ ۾ اسيمبلين ۽ وزيراعلائن جي برطرفين جون قطارون لڳي ويون. انتظاميہ جي آمراڻن قدمن جو شديد ترين رد عمل صوبي اوڀر بنگال ۾ ٿيو.

## اوڀر بنگال:

صوبو اوڀر بنگال، جنهن کي پوءِ اوڀر پاڪستان جو نالو ڏنو ويو ان ۾ رياست جا غلط قدم ڀرين ڏينهن کان کڄڻ شروع ٿي ويا. ورهاڱي کان اڳ گڏيل بنگال جو وزيراعظم حسين شهيد سهروردي هو. (1935ع جي قانون تحت صوبي جي وزير اعليٰ کي وزيراعظم چيو ويندو هو) جنهن جو سڄي بنگال ۾ هڪ وڏو مقام هو. هو عوام ۾ ۽ خاص طور تي مسلمان عوام ۾ بيحد مشهور هو. 14 آگسٽ تي حسين شهيد سهورديءَ جي جاءِ تي خواجہ ناظم الدين کي اوڀر بنگال جو وزير اعليٰ بڻايو ويو. جيڪو اسيمبليءَ جو ميمبر بہ نہ هو. ان قدم سان اوڀر بنگال جي ماڻهن ۾ ڏاڍي مايوسي پيدا ٿي. ان ڪانسواءِ درياهن ۾ ٻوڏون آيون، فصل تباهہ ٿي ويا ۽ خوراڪ جي خطرناڪ حد تائين کوٽ پيدا ٿي. اُتان جي هارين جي ڪيسن ۾ پئسا آڻيندڙ فصل "پٽ سن" جون قيمتون ڪري پيون. ان جو اگهہ 35 روپيا في مڻ مان ڪري 20 روپيا في مڻ ٿي ويو. هارين جو مستقبل اونداهون ٿي ويو. مرڪزي حڪومت ان ڏکئي بحران تي قابو پائڻ ۾ هڪ غلطي اها بہ ڪئي جو اوڀر بنگال جي وڏن وڏن اعليٰ ۽ اهم عهدن تي پنجابي آفيسر ويهاري ڇڏيا. جنهن سان پڙهيل لکيل بنگالين ۾ احساس محرومي وڌي وئي. ڳالهہ اجا تڏهن وڌي وئي، جڏهن هڪ مرڪزي منسٽر چيو تہ "پاڪستان ۾ هڪ سينٽرل ايڊمنسٽريٽو سروس قائم ڪئي ويندي، جنهن ۾ صوبي پرستيءَ جي ڪابہ گنجائش نہ هوندي" جنهن جو مطلب اهو ڪڍيو ويو تہ مرڪزي حڪومت ۾ ڀرتيون فقط امتحان ۽ انٽرويو جي بنياد تي ڪيون وينديون ۽ بنگالي اعليٰ سروس ۾ جيڪي اڳي ئي تمام گهٽ هئا،

سندن ڪمي پوري ڪرڻ لاءِ ڪي خاص قدم نہ کنيا ويندا. اوڀر بنگال جي ماڻهن کي هڪ وڏي شڪايت اها بہ هئي تہ سندن نوجوانن لاءِ فوج ۾ ڀرتيءَ جا دروازا بند هئا. مثال وري 6 جنوري 1948ع تي وزيراعظم لياقت علي خان پريس ڪانفرنس ۾ چيو تہ هٿياربند فوج ۾ ڀرتيءَ لاءِ ڪي بہ نوان قائدا نہ ٺاهيا ويا آهن. ۽ اهو ڪم پراڻن قائدن تحت جاري رهندو. ان بيان مان مطلب اهو ڪڍيو ويو تہ جسماني معيار کي نظر ۾ رکندي جيڪا پاليسي انگريزن ٺاهي هئي، جنهن تحت سنڌين ۽ بنگالين جي ڀرتي نہ پئي ٿي، ان کي جاري رکندي اڳي وانگر خاص علائقن مان ڀرتي ڪئي ويندي. انهن ئي ڏينهن ۾ اخبارن ۾ پاڪستان ايئر فورس ۾ ڀرتيءَ لاءِ اشتهار شايع ٿيو جنهن ۾ اميدوارن کي جهلم، لاهور، ملتان، راولپنڊي، سيالڪوٽ، سرگوڌا ۽ پشاور ۾ ڀرتي ڪندڙ آفيسر سان رابطو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ چيو ويو تہ هيڊ ڪوارٽرز ۾ درخواستون نہ ڏنيون وڃن. يعني بنگالي نوجوانن کي درخواست ڏيڻ لاءِ پنجاب وڃڻو پوندو. ان جو مطلب ٿيو تہ مرڪزي حڪومت عوام جي خواهشن کان اڻواقف هئي ۽ بنگالين سان تعصب رکندي هئي. مرڪزي حڪومت انگريز حڪومت واريون جابراڻيون پاليسيون جيئن جو تيئن جاري رکيون. آگسٽ 1947ع ۾ ئي هڪ وزير فضل الرحمان اعلان ڪري ڇڏيو تہ صوبن ۾ تعليم صوبائي ٻوليءَ ۾ ڏني ويندي، پر بين الصوبائي معاملن لاءِ هڪ ٻولي هوندي، جيڪا هن جي خيال ۾ اردو هوندي. اهو هڪ انتهائي بيوقوفاڻو انڪشاف هو.

25 فيبروري 1948ع تي دستور ساز اسيمبليءَ جو اجلاس ٿيو تہ ان ۾ قومي ٻوليءَ جي مسئلي تي بحث ڇڙي پيو. هڪ بنگالي اسيمبلي ميمبر ڪارروائيءَ جي باري ۾ رولز ۾ ترميم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي تہ ايوان ۾ اردو ۽ انگريزيءَ ڪانسواءِ بنگاليءَ ۾ بہ تقرير ڪرڻ جي اجازت هوندي. هن چيو تہ پاڪستان جي ڇهہ ڪروڙ 90 لک جي آباديءَ مان چار ڪروڙ 40 لک ماڻهو بنگالي ٻولي ڳالهائين ٿا. ان ڪري قومي ٻوليءَ جو درجو بنگاليءَ کي ملڻ گهرجي. لياقت علي خان ان ترميم جي خلاف وڏي سخت تقرير ڪئي. هن چيو تہ پاڪستان ننڍي کنڊ جي ڏهہ ڪروڙ مسلمانن جي مطالبي جي ڪري وجود ۾ آيو آهي ۽ انهن ڏهہ ڪروڙ مسلمانن جي ٻولي اردو آهي....... ان کي پاڪستان جي قومي ٻولي ٿيڻ گهرجي. پاڪستان هڪ مسلم رياست آهي ۽ ان جي ٻولي اها ٻولي هئڻ گهرجي، جيڪا مسلمان قوم جي ٻولي آهي. اهو واقعي هڪ اهم سوال آهي، جيڪو نہ رڳو

پاڪستان پر پوري نندي ڪنڊ ۾ مسلمان قوم جي زندگي ۽ موت جو سوال آهي....
آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ان بحث ڪانپوءِ ڍاڪا ۽ اوڀر بنگال ۾ بنگالي ٻوليءَ جي حق ۾ مظاهرا شروع ٿي ويا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڍاڪا ۾ هڪ هفتي لاءِ قلم144 نافذ ڪيو ويو. جلسي جلوس تي پابندي لڳائي وئي. هفتي گذرڻ ڪانپوءِ ڍاڪا ۽ ٻين شهرن ۾ وري مظاهرا شروع ٿي ويا، هڙتالون ٿيون. مظاهرين تي لاٺي چارج ڪئي وئي ۽ مٿن ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل اُڇلايا ويا. اوڀر بنگال جي صوبائي اسيمبلي بنگالي ٻوليءَ کي اوڀر بنگال جي سرڪاري ٻولي بڻائڻ جي قرارداد پاس ڪئي. 19 مارچ 1948ع تي قائداعظم ڍاڪا پهتو ۽ 21 مارچ تي هڪ وڏي جلسي کي خطاب ڪندي اعلان ڪيائين. تہ پاڪستان جي قومي ٻولي اردو هوندي ۽ ٻي ڪا ٻولي نہ هوندي. ان سلسلي ۾ ڪير بہ اوهان کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اهو پاڪستان جو دشمن آهي. مسلم ليگ، لياقت علي خان ۽ قائداعظم جو ٻوليءَ واري مسئلي تي موقف هر لحاظ کان غير سياسي ۽ تاريخ جي حاصل ڪيل سبق جي اُبتڙ هو. پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ يورپ جي هڪ درجن کان وڌيڪ ملڪن جون سرحدون ٻوليءَ جي مسئلي کي نظر ۾ رکي طئي ڪيون ويون. هم زبان هجڻ کي هم قوم مڃيو ويو. هڪ ننڍڙي ملڪ سئيزرلينڊ جي هڪ نہ پر چار قومي ٻوليون هيون. دراصل ان وقت پاڪستان کي برآمد مان جيڪا آمدني ٿيندي هئي، ان ۾ اوڀر بنگال جي "پٽ سن" ريشم جي برآمد جو حاصل ٿيندڙ حصو گهڻو هو. اوڀر بنگال جي مسلم ليگ ۽ اوڀر بنگال جي حڪومت مطالبو ڪيو تہ پٽ سن جي برآمد مان جيڪا آمدني حاصل ٿئي ٿي، اها اوڀر بنگال کي ڏني وڃي تہ جيئن اهي ان کي اوڀر بنگال ۾ استعمال ڪري سگهن. ان مسئلي تي واپار واري وزير حميد الحق چوڌريءَ جي اخبار پاڪستان آبزرور سخت رويو اختيار ڪيو. جڏهن تہ حڪومت پاڪستان ۾ جيوٽ بورڊ جي خلاف گهٽي پروپيگنڊا بہ انهيءَ اخبار ۾ ٿي رهي هئي ۽ انهيءَ ئي اخبار ۾ اوڀر بنگال جي حقن ۽ مفادن جي پرچار ٿيندي هئي. ان ڪري ان خلاف "بورڊ" جي قانون تحت انڪوائري شروع ڪئي وئي ۽ 5 ڊسمبر 1949ع تي حميد الحق پنهنجي وزارت تان استعيفا جو اعلان ڪري ڇڏيو. 1952ع ۾ بنگالي ٻوليءَ جي حق ۾ ڍاڪا ۾ شاگردن تمام وڏو مظاهرو ڪيو ويو. پوليس گوليون هلايون، 26 ماڻهو مارجي ويا ۽ سوين زخمي ٿيا. بنگالي کي بہ اردو سان گڏ پاڪستان جي

قومي ٻولي قرار ڏيارڻ لاءِ جانين جي قرباني ڏيندڙن لاءِ ڍاڪا ۾ قائم ٿيل شهيد مينار کي اڄ بہ وڏو مقام حاصل آهي.

پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ اوڀر بنگال جي عوام جي مسئلن جن جي نشاندهي پُٺين صفحن ۾ ڪئي وئي آهي. مرڪزي حڪومت ۽ ان پاران لاڳو صوبائي حڪومت جي مقبوليت کي وڏو ڌڪ رسايو. ٻوليءَ واري مسئلي رهيل سهيل ڪثر بہ پوري ڪري ڇڏي. اوڀر بنگال جي وڏن وڏن ليڊرن مسلم ليگ جو ساٿ ڇڏي ڏنو ۽ حڪومت جي خلاف محاذ ٺاهڻ شروع ٿي ويو.

1948ع ۾ قائداعظم جي وفات کانپوءِ اوڀر بنگال جي وزير اعليٰ خواجہ ناظم الدين کي پاڪستان جو گورنر جنرل بڻايو ويو ۽ نورالعين کي اوڀر بنگال جو وزير اعليٰ ٺاهي ڇڏيائون. هن ڪجهہ وقت تائين تہ مرڪزي حڪومت کي منهن ڏنو پر پوءِ جلد ئي هن جي ڪيفيت بہ خواجہ ناظم الدين جيئن ٿي وئي. هو بنگال ۾ جيڪي شيون مسلم ليگ جي دٻاءَ ۾ اچي مڃي ويندو هو. تن کي ڪراچيءَ مان منظور ڪرائي نہ سگهندو هو. ٻوليءَ واري مسئلي هڪ قومي مسئلي واري صورت اختيار ڪري ورتي. ان مسئلي تي هڙتالون ۽ احتجاج معمول بڻجي ويا. اوڀر بنگال جي ڪابينا ۾ بغاوت جا آثار پيدا ٿي ويا. پٽ سن جي واپار مان ٿيندڙ آمدنيءَ جي ورهاست جو مسئلو پهريون ڀيرو عوامي مسئلي طور منظرعام تي آيو جيڪو 18 سالن کانپوءِ شيخ مجيب الرحمان جي ڇهن نُڪتن جو اهم ترين نُڪتو هو.

پهرين پنجن سالن ۾ ئي مرڪزي حڪومت ۽ اوڀر بنگال جي وچ ۾ نفرت واري فضا پيدا ٿي وئي هئي. مرڪزي حڪومت ميمبرن کي رشوت ڏئي پنهنجي مرضيءَ مطابق فيصلا ڪرائي رهي هئي. هڪ ڏينهن نجي ڪچهريءَ ۾ پاڪستان جي وزير ۽ اولهہ پاڪستان جي گورنر رهندڙ نواب مشتاق احمد گرماڻيءَ ٻڌايو تہ هو ڳُجهي فنڊ مان ٽي ٽي سئو روپيا ماهوار ڏئي ميمبرن جي حمايت حاصل ڪندو هو پر پوءِ اهڙن حربن سان ڪم نہ هليو. اوڀر بنگال جي سياسي بيچينيءَ کي صوبي جي معاشي حالت شديد ترين ڪري ڇڏيو هو. خوراڪ جي کوٽ هئي، قيمتون وڌي رهيون هيون، ترقيءَ جي بجيٽ جو گهڻو حصو اولهہ پاڪستان جي صوبن ۾ خرچ ٿيندو هو ۽ اوڀر صوبي جي ڪمائيءَ جو گهڻو حصو بہ پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ خرچ ڪيو ويندو هو. پاڪستاني حڪومت اوڀر صوبي کي سياسي ۽ معاشي حوالي کان هڪ ڪالوني ٺاهي ڇڏيو هو. بنگالين ۾ احساس محرومي هئي، هو آفيسرشاهيءَ جي مرضيءَ تي هلندڙ مسلم ليگ جي خلاف هڪ متحده

محاذ ۾ گڏ ٿي ويا هئا. مارچ 1954ع ۾ چونڊون ٿيون. مسلم ليگ يعني آفيسرشاهيءَ جي ماتحت حڪومت کي سخت شڪست جو منهن ڏسڻو پيو. حڪومت مخالف محاذ 237 سيٽن مان 223 مسلم سيٽون کٽي ورتيون. فضل الحق نئون وزير اعليٰ بڻيو. مولانا ڀاشانيءَ الزام هنيو ته ڪراچيءَ جي حڪومت فساد ڪرائي رهي آهي. انهن فسادن ۾ 200 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا هئا. 30 مئي 1954ع تي نئين چونڊيل حڪومت برطرف ڪري ڇڏيائون. اهڙيءَ طرح پاڪستان ٺهڻ جي ڪجهه ئي سالن ۾ اوڀر بنگال جي عوام ۽ مرڪزي حڪومت جي ارباب اختيار ٽولن وچ ۾ اهڙا ته پيچيده ۽ بنيادي تضاد پيدا ٿيا، جو انهن وڏي وڏي چوويهه سالن ۾ محڪوم اوڀر بنگال کي پاڪستان جي اولهه واري حصي کان الڳ ڪري ڇڏيو. جنهن جو وڌيڪ ذڪر ايندڙ صفحن ۾ ڪيو ويندو.

## سنڌ:

سرحد ۽ اوڀر بنگال جيئن سنڌ ۾ به صوبائي خودمختياريءَ ۽ آزاديءَ جو مطالبو اڳ جو آهي. انگريز حڪومت سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو بڻايو هو. ڊسمبر 1925ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي علي ڳڙهه ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ صوبو ٺاهڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو. 1930ع ۾ لنڊن ۾ ٿيندڙ گول ميز ڪانفرنس ۾ سر غلام حسين هدايت الله ۽ محمد علي جناح به اهو مطالبو ڪيو هو. 1935ع ۾ انگريز حڪومت سنڌ کي الڳ صوبو ٺاهي، 1936ع ۾ اتي اليڪشن ڪرائي. 1938ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ جي ايم سيد هڪ قرارداد پيش ڪئي، جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو هو ته مسلمان هڪ الڳ قوم جي حيثيت ۾ هندستان جي انهن علائقن ۾ پنهنجون آزاد رياستون قائم ڪرڻ جو حق رکن ٿا، جن ۾ انهن جي اڪثريت آهي. جيڪڏهن هندستان جي مسلمانن کي هڪ مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيو ويو ته ان سبب جي ڪري لازمي طور تي خانا جنگي ٿيندي، جنهن جا سنگين ۽ اڻ وڻندڙ نتيجا نڪرندا. ان قرارداد جي سيني مسلمان ميمبرن حمايت ڪئي هئي.

سنڌي سياستدانن کي پنجاب کان پراڻا خطرا هئا. سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي ورڇ جا تضاد انگريز واري زماني جا هئا. ان ڪري هو پنجاب جي آبادڪارن کي پسند نه ڪندا هئا. هنن جو اهو به خيال هو ته لاهور جي حڪومت انگريزن ٺاهي ۽ هلائي هئي، جيڪا ڊگهي عرصي تائين هڪ ليفٽيننٽ گورنر جو صوبو رهي هئي. هو اهڙي صوبي جي حڪومت سان رابطو ڪرڻ پسند نه ڪندا هئا.

ٻنهي صوبن جي وچ ۾ تهذيبي ويڇو ٻه هو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌين جي سامهون ڪيترائي نوان خطرا اچي بيهي رهيا.

پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچي ڪري چڏيائون ۽ اهڙيءَ طرح شهر ٻاهران ايندڙ آفيسرن ۽ ڪاروباري طبقي جو مرڪز بڻجي ويو. آفيسرن جي قبضي ۾ آيل شهر پنهنجي سياسي آزادي سنڌي وڏيرن جي حڪومت جي حوالي ڪيئن ٿي ڪري سگهيو! جڏهن قائداعظم ڪراچيءَ کي مرڪزي حڪومت جي تحويل ۾ وٺڻ جو ارادو ڪيو ته سنڌ اسيمبليءَ ان تجويز جي خلاف قرارداد پاس ڪئي. 20 فيبروري 1948ع تي سڄيءَ سنڌ ۾ "يومِ ڪراچي" ملهائڻ لاءِ شاگردن اسڪولن ۽ ڪاليجن مان غير حاضر ٿي ننڍين وڏن شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا. سنڌ جي بهادر ۽ تمام وڏي زميندار وزيراعليٰ محمد ايوب کهڙي مرڪزي فيصلي جي مخالفت ڪئي؛ ۽ اهو سڄو ڪجهه سنڌي مهاجر تضاد جو پهريون پٿر ثابت ٿيو.

ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ واري تجويز اهڙي ئي احمقاڻي هئي، جيئن ڪو پنجاب کان لاهور يا سرحد کان پشاور کي الڳ ڪرڻ جو مطالبو ڪري. اها هڪ غير سياسي ۽ آمراڻي تجويز هئي. کهڙي جي مخالفت جي جواب ۾ ٻُجهين ايجنسين هن خلاف مواد گڏ ڪيو ۽ ڪيس وزارت اعليٰ جي عهدي تان برطرف ڪيو ويو.

سياسي مسئلي کي انتظامي طاقت جي زور سان حل ڪيو ويو. سياستدانن جي احتساب جو قانون ٺاهيو ويو. کهڙي تي ڪيس هلايو ويو ۽ کيس ٽن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو. ڪراچيءَ کي گاديءَ جو شهر ٺاهڻ ڪانسواءِ ٻه جيڪي مهاجر يو-پي کان آيا پئي، تن جو رخ ٻه ڪراچيءَ طرف هو. جتي هندن جي وڃڻ جي ڪري زمينن ۽ ملڪيتن جي ڦُر مار جي وڏي گنجائش هئي. جڏهن آفيسرن جي سرپرستيءَ ۾ سنڌ جي شهرن ۾ مهاجرن جي آبادڪاري تيز ڪئي وئي ته سنڌين ۾ اهو احساس پيدا ٿيو ته سندن اثاثا غير سنڌين جي قبضي ۾ وڃي رهيا آهن ۽ اهي پنهنجي ئي صوبي ۾ اقليت ۾ تبديل ڪيا پيا وڃن. اردو ڳالهائيندڙ سياستدان سنڌ ۾ مهاجرن کي اهڙيءَ طرح آباد ڪري رهيا هئا، جو هنن جا اليڪشن ۾ حلقا ٺهي سگهن ۽ هو چونڊجي مهاجرن جا نمائندا ٿي سگهن. ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ واري تجويز، هندن جي ملڪيتن تي غير سنڌين جي قبضي ۽ انهن ڪانسواءِ هڪ وڏو سانحو ٻوليءَ وارو هو. هڪ سنڌي وزير اعليٰ کان اسڪولن ۾ سنڌي تعليم کي Optional ڪري ڇڏيائون، جنهن جي نتيجي ۾ اردو اڪثريت پنهنجي ديس جي

نئين ٻوليءَ کان اڻ واقف ٿي ويٺي ۽ جنهن جي ڪري اردو- سنڌي تضاد جي راهه کُلي پئي. مٿي بيان ڪيل مسئلا سنڌ جي سياست تي ڇانيل رهيا آهن.

قديم زماني کان سنڌ جي علائقن جي تهذيب سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي ڪري ئي آهي. سنڌ جي سڄي سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي ترقيءَ جو محور سنڌو درياهه جو پاڻي ئي رهيو آهي. ويهين صديءَ ۾ جيئن ئي انگريزن پنجاب ۾ واهه کوٽائڻ شروع ڪيا، ته سنڌ ۾ خطرن جون گهنٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون. پنجاب تي الزام لڳا ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻيءَ جي ورهاست جي مسئلي تي 1930ع ۾ انڊس واٽر ڪميشن قائم ڪئي وئي. ڪميشن سفارشون تيار ڪيون ته ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ اهڙيءَ ريت قابل قبول فيصلي تي عمل نه ٿي سگهيو. سنڌ جا شديد خطرا جيئن جو تيئن رهيا.

سنڌ جي سياسي ڇڪتاڻ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ايوب کهڙو 1948ع ۾ برطرف ڪيو ويو. 1948ع ۾ پير الاهي بخش وزير اعليٰ ٿيو ۽ 1949ع ۾ ان کي بطرف ڪري يوسف هارون کي وزير اعليٰ بڻايو ويو. هن کي به 1950ع ۾ برطرف ڪري ڇڏيائون. پوءِ قاضي فضل الله وزير اعليٰ ٿيو جنهن کي به 1951ع ۾ برطرف ڪيو ويو.

اهي انتظامي ڪارروايون پوريءَ طرح سياسي نوعيت جون هيون. ڪنهن به مسئلي جو حل سياسي طرح نه ڪڍيو ويو. ڪا ڪوشش ئي نه ڪئي وئي ته سنڌين ۾ مرڪزي حڪومت جي خلاف جيڪو ردعمل پيدا ٿي رهيو آهي، تنهن جي باري ۾ سوچيو وڃي. چونڊيل ايوانن ۾ مسئلا پيش نه ڪيا ويا. انتظاميه جي اڳيان چونڊيل نمائندن جي ڪا حيثيت نه هئي، هو بلڪل بي وس هئا.

### پنجاب:

آزاديءَ جي پهرين ڏينهن کان پنجاب جون حالتون سنڌ، سرحد، اوڀر بنگال ۽ ٻين علائقن کان هڪ اهم لحاظ کان مختلف هيون. هن صوبي هندستان جي ٻين رياستن اوڀله پنجاب، هريانه، هماچل جي ضلعي شملا ۽ ڪانگڙا، پٽيالا ۽ پنجاب جي ٻين رياستن مان ايندڙ مسلمانن کي آباد ڪرڻ قبول ڪيو هو. لڪين مهاجرن کي هندن ۽ سِکن جي وسيع شهري، ٻوناٽي، صنعتي ۽ ڪاروباري هنڌن تي آباد ڪرڻ جو وڏي پئماني تي انتظام ڪيو ويو هو. عارضي ۽ مستقل آبادڪاريءَ جا قانون ٺاهيا ويا. مهاجرن کان سواءِ غير مهاجر ماڻهن جو خاصو تعداد به هندن ۽

سِکن جي ڇڏيل جاين کي الاٽ ڪرائڻ ۽ قبضو ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ورهاڱي ۾ ماڻهن جو مرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ هڪ عام، ذاتي ۽ خانداني نوعيت جون ڳالهيون ٿي ويون. ماڻهو هندن ۽ سِکن جي ڇڏيل جاين، دڪانن، ڪاروبارن ۽ نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ جُنبي ويا. ماڻهن جي سياسي جدوجهد پوين صفن ۾ رڙڪي وئي.

صوبائي سطح تي انگريزن جي ڇڏيل آفيسر شاهيءَ جي رعب ۽ اختيارن ۾ اضافو ٿيو. ڇو تہ ڇڏيل جائيدادن ۽ ملڪيتن جي الاٽمينٽ ۽ قبضي جي ڪارروائي بہ انهن جي عمل دخل ۾ اچي وئي.

اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ پاڪستان ٺهڻ جي ڪجهہ سالن کانپوءِ تائين هندن ۽ سِکن جي ملڪيتن کي حاصل ڪرڻ صوبي جي سماجي ۽ سياسي زندگيءَ تي حاوي رهيو ۽ صوبي ۽ مرڪز وچ ۾ جنگ جا ميدان جيڪي اوير بنگال، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏسڻ ۾ آيا، پنجاب ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ٿي. اردو ٻوليءَ کي قومي ۽ صوبائي ٻولي قرار ڏيڻ کانپوءِ پنجاب کي ڪابہ شڪايت نہ هئي، ڇو تہ هتي شروع کان "اردو ڳالهايو، اردو لکو ۽ اردو پڙهو" واري تحريڪ هلي رهي هئي. مرڪزي وسيلن جي ورهاڱي جي خلاف پنجاب کي ڪابہ شڪايت نہ هئي. ورهاڱي سان هندستان جا اڪثر پنجابي واپاري پنهنجو سرمايو کڻي پاڪستان آيا ۽ حڪومت جي مدد سان پنجاب ۾ ڪارخانا لڳڻ شروع ٿي ويا ۽ پنجاب جي خوشحاليءَ ۾ اجان بہ وڏيڪ اضافو ٿيو.

فوج ۽ سِول سروسز ۾ پنجابي آفيسرن جي پرمار هئي، جنهن تي ٻين صوبن کي وڏي شڪايت هئي، پر مرڪزي حڪومت ۾ سينيئر ترين سول آفيسرن ۾ پنجابين جو تعداد مقابلي ۾ گهٽ هو. ڇو تہ سڄي هندستان جي سينئر آءِ سي ايس آفيسرن مان ڪيترن ئي پاڪستان ۾ نوڪريءَ کي ترجيح ڏني هئي. مرڪزي حڪومت ۾ اعليٰ ترين عهدن لاءِ پنجابين ۽ اردو ڳالهائيندڙ يو پي جي آفيسرن ۾ ڏاڍيون رقابتون پيدا ٿيون.

قائداعظم جي وفات کانپوءِ لياقت علي خان وزيرعظم بڻايو ويو، جنهن کي پنجاب جي حلقن پاران تنقيد جو نشانو بڻايو ويو. ڪجهہ صحيح ۽ ڪجهہ غلط ڳالهين جي بنياد تي لياقت علي خان جي خلاف محاذ کڙو ڪيو ويو. جوابي طور هن يو پي جي اڳوڻي گورنر سر فرانس مودي کي پنجاب جو گورنر بڻائي ڇڏيو ۽ يو پي جي ئي هڪ آءِ سي. ايس آفيسر احمد عليءَ کي پنجاب جو هوم سيڪريٽري بڻائي ڇڏيو. پنجاب وزير اعليٰ افتخار حسين خان (نواب محمد وٽ) ۽ ممتاز

دولتانہ جي ہن ڏڙن ۾ ورهائي ڇڏيو. وقت سان گڏ محمد وٽ جي وزارت ختم ڪري ممتاز دولتانہ کي وزير اعليٰ بڻايو ويو. محمد وٽ جي نقيب نواءِ وقت جي اشاعت روڪي، هن جي پريس ضبط ڪئي وئي.

اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪئي وئي، لاهور جي ڊپٽي ڪمشنر کي ووٽن جي ڳڻپ ۾ سڌو سنئون جانبدار بڻايو ويو جنهن لاءِ "جهرلو" اصطلاح ايتري حد تائين عام ٿيو جو دهليءَ جي هڪ اخبار ۾ طنزيہ طور هڪ جماعت کي صلاح ڏني وئي تہ جيڪڏهن اُها اليڪشن کٽڻ چاهي ٿي تہ لاهور جي ڊپٽي ڪمشنر جون خدمتون حاصل ڪري. 1951ع ۾ لياقت علي خان کي راولپنڊيءَ ۾ قتل ڪيو ويو. قتل جي ڏوهہ ۾ پنجابين جي بااثر ڌڙن جي ملوث هجڻ جون افواهہ هليا، پر اُهي افواهہ ئي رهيا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين ٻين صوبن ۾ پنجاب ۽ پاڪستاني فوج تي هڪ هجڻ جو الزام لڳندو رهيو. ان الزام ۾ ڪيترن ئي نوس سببن جي بنياد تي ڪافي حد تائين حقيقت بہ هئي. اول اهو تہ پاڪستاني فوج ۾ تمام وڏو تعداد پنجابين تي مشتمل آهي، ٻيو تہ ورهاڱي کانپوءِ پاڪستاني فوج بيشمار مهاجرن کي اُن وقت پنجاب مان جان بچائي پاڪستان پهچڻ ۾ مدد ڪئي هئي، جنهن جي ڪري هو فوج جا تمام وڏا احسانمند هئا. حالت اها هئي تہ اُن وقت لاهور ۾ مال روڊ تي ورديءَ ۾ ڪجهہ ماڻهو ويندي نظر ايندا هئا تہ ماڻهو اُنهن کي ڏسي تاڙيون وڄائڻ شروع ڪندا هئا. ٽيون اهو تہ پاڪستاني فوج 1965ع جي جنگ ۾ پاڪستان جي علائقي ۾ هندستان جي پيشقدمي روڪي ڇڏي هئي. هڪ تہ پنجاب ٻاهران ايندڙ لکين مهاجرن کي فراخدليءَ سان قبول ڪيو ٻئي طرف پنجاب جا ٺاٺيدار، تحصيلدار، مئجسٽريٽ ۽ جيل جا آفيسر عوام تي ۽ خاص طور تي ڪاٻي ڌر جي سياسي ڪارڪنن تي تشدد ڪرڻ ۾ ملڪ جي ٻين صوبن کان گوءِ کڻي ويا. تحرير ۽ تقرير ۽ سياسي آزادين تي پابنديون، سيفٽي ايڪٽ تحت نظربنديون ۾ بہ پنجاب ٻين صوبن کان اڳرو رهيو. پر تمام گهٽي تشدد، ناانصافي ۽ آفيسر شاهيءَ جي جبر جي باوجود پنجاب ۾ مرڪزي حڪومت يا رياست جي خلاف ڪو ذڪر جوڳو محاذ نہ ڪڙو ٿيو.

## بلوچستان:

پنجاب، سنڌ ۽ اوپر بنگال ۾ ۽ صوبي سرحد جي چند ضلعن ۾ انگريزن جو ٺاهيل حڪومتي ڍانچو موجود هو. بلوچستان ٻن حصن ۾ ورهايل هو. اُتر افغانستان جي سرحد سان گڏ ايران جي سرحد تائين هڪ علائقي جي پٽي برٽش

بلوچستان سڏبي هئي. بلوچستان جو باقي وسيع علائقو بلوچ سردارن جون رياستون هيون، جيڪي اندروني معاملن ۾ آزاد هيون ۽ اُنهن جي هڪ هلڪي ڦُلڪي يونين بہ هئي. مارچ 1929ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ هڪ قرارداد، جيڪا بعد ۾ جناح جي چوڏنهن نُقطن جي نالي سان مشهور ٿي، ان ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ بلوچستان جي عوام کي جمهوري حق ڏنا وڃن. جولاءِ 1943ع ۾ قائداعظم ڪوئيٽا ۾ مسلم ليگ جي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي بلوچستان لاءِ مڪمل صوبائي درجي جو مطالبو ڪيو. سيپٽمبر 1945ع ۾ رياست قلات تقريبن هڪ مهيني تائين قائداعظم جي مهماني ڪئي. قائداعظم ۽ فاطمہ جناح کي سون ۽ چانديءَ ۾ توري ڪين اهو سون ۽ چاندي پيش ڪيو ويو، جن جو وزن 112 ۽ 111 پائونڊ هو. ان ڪانسواءِ بلوچ دستور موجب فاطمہ جناح کي هڪ هار پيش ڪيو ويو، جنهن جي اُن وقت جي قيمت هڪ لک روپيا ٻڌائي وڃي ٿي.

فيبروري 1947ع ۾ برطانوي حڪومت اعلان ڪري ڇڏيو تہ جون 1948ع تائين برطانيا هندستان جي حڪومت جو اقتدار هڪ ڪان وڌيڪ حڪومتن کي ڏئي هندستان مان نڪري ويندي. مارچ ۾ وائيسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن هندستان ۾ سياسي اڳواڻن سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي، جن ۾ خان آف قلات بہ شامل هو. اپريل ۾ ڪوئيٽا پهچي خان آف قلات اعلان ڪيو تہ برطانيہ جي وڃڻ ڪانپوءِ قلات پنهنجي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو اعلان ڪندو، ڇو تہ برطانوي راڄ کان پهرين قلات هڪ خودمختيار رياست هو ۽ برطانيہ رڳو ايران ۽ افغانستان سان سرحدن جي حفاظت جي ڪري بلوچستان ۾ هو. 14 آگسٽ 1947ع تي لارڊ مائونٽ بيٽن، قائداعظم محمد علي جناح، نوابزاده لياقت علي خان، خان آف قلات مير احمد يار خان ۽ رياست قلات جي قانوني صلاحڪار سر سلطان احمد جي صحيحن سان هڪ بيان جاري ٿيو جنهن ۾ هڪ طرف اهو مڃيو ويو هو تہ پاڪستان کي رياست قلات جي باري ۾ اُهي سمورا آئيني، قانوني ۽ سياسي حق حاصل هوندا، جيڪي برطانوي حڪومت کي هئا، ٻئي طرف اهو بہ طئي ٿيو هو تہ قلات ۽ پاڪستان جي وچ ۾ دفاعي، خارجي ۽ مواصلاتي معاملن جي باري ۾ تعلقاتي نوعيت قطعي طور تي ڪرڻ لاءِ جلد ڪراچيءَ ۾ ڳالهيون ٿينديون. معاهدي جا لفظ مبهم هئا. خان آف قلات سمجهيو تہ معاهدي موجب پاڪستان قلات جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي مڃي ورتو آهي ۽ هن 15 آگسٽ تي قلات جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو. جوابي طور قائداعظم هڪ بيان ۾

بلوچستان ۽ ڏيرا غازي خان جي قبائلين کي يقين ڏياريو تہ بلوچستان جي قانونن ۾ ڪا تبديلي نہ ڪئي ويندي ۽ اُن جي رواجن ۾ ڪابہ مداخلت نہ ڪئي ويندي. سڀ سمجهوتا قائم رهندا ۽ اُنهن کي دستور موجب الائونس ملندا رهندا. خان آف قلات جي مؤقف ۾ هڪ نُقطو اهو بہ هو تہ قلات اُهو ئي مؤقف پيش ڪيو آهي، جيڪو ان جي وڪيل محمد علي جناح 1946ع ۾ برطانوي حڪومت جي سامهون پيش ڪيو هو تہ رياست قلات هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست آهي. 20 آگسٽ 1947ع تي ڪوئيٽا ۾ نہ صرف مسلمان پنجابي، مهاجرن ۽ مقامي پناڻن، هندو آبادي، ملڪي ۽ غير ملڪي آبادين جي وچ ۾ فساد شروع ٿي ويا، پر ٽي سئنيمائون بہ ساڙيون ويون. ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. 100 سردارن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪئمپن ۾ پندرهن هزار پناهگيرن کي مفت کير ۽ راشن فراهم ڪيو ويو. ڪوئيٽا ۾ گورنر جنرل جي انگريز ايجنٽ فسادن جي سڄي ذميواري اوپر پنجاب جي مسلمان مهاجرن تي لڳائي ڇڏي. پنجابين ۽ بلوچن جي تضاد ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. خان آف قلات جي آزاديءَ جي اعلان کان پوءِ حڪومتِ پاڪستان سان سندس لاڳاپا مشڪل مرحلي ۾ داخل ٿي ويا. سترهين مارچ تي خاران، مڪران ۽ لسٻيلي جي سامونڊي ڪناري وارين رياستن پاڪستان سان الحاق ڪري ورتو. انهن ٽن رياستن ۽ پاڪستان جي علائقن قلات رياست کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو. خان آف قلات پاڪستان جي ڪنيل قدمن کي غلط، احمقاڻو سنگدلاڻو ۽ غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو پر خان صاحب پنهنجي ڪتاب "مختصر تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ "حڪومتِ پاڪستان ڪوئيٽا جي برگيڊيئر کي اهو حڪم ڏنو تہ قلات خلاف ڪارروائيءَ لاءِ تيار رهو ۽ AGG قلات خلاف پوليس ايڪشن جي تياري ڪري رهيو هو. حالت اها هئي، جو ملڪ خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏئي رهيو هو. ڪيترائي محاذ ڪڙا ٿي چڪا هئا. بلوچستان جو محاذ پاڪستان کي وڪيري سگهيو پئي، پر اها ڳالهہ مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهيس، ڇوتہ مان پاڪستان جي سلامتيءَ ۽ اسلام جي عظمت لاءِ فڪرمند هئس." پرڏيهي مسئلن جي سلسلي ۾ هو پاڪستان، افغانستان جي جنگ، روس جي اڳرائي ۽ هندستاني سامونڊي ٻيڙي جي مڪران جي سامونڊي ڪناري تي لنگرانداز يءَ جو ذڪر بہ ڊرامائي لفظن پيش ڪري ٿو. مختصرن اهو تہ خان آف قلات 2 مارچ تي پاڪستان سان الحاق نامي تي صحيحون تہ ڪري ڇڏيون، پر اُهو هن مجبورن ڪيون ويون. خان آف

قلات ۾ ٻين بلوچ سردارن جي دل ۾ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو جذبو روشن رهيو. پاڪستان کي ٺهيي هڪ سال ئي ٿيو هو تہ خان آف قلات جي عزيز شهزاده عبدالڪريم کي 160 ساٿين سميت جهالاوان جي علائقي مان گرفتار ڪيو ويو. جنهن لاءِ چيو ويو تہ هن جي قبضي مان بلوچ ورڪر پارٽيءَ جي منشور ۽ قائدن قانونن جا دستاويز بہ مليا آهن. جنهن موجب بلوچستان جي هڪ عظيم رياست، جنهن ۾ قلات، لسٻيلو خاران، مڪراني، برطانوي بلوچستان، صوبو سنڌ، اولهہ پنجاب ۽ ايران جا ڪجهہ علائقا شامل هوندا، قائم ڪئي ويندي، ۽ صرف بلوچن کي اُن رياست جو شهري تسليم ڪيو ويندو. شهزادي وٽ "بابِ علي" مان جاري ڪيل فتويٰ بہ ٻڌائي وئي، جنهن ۾ مسلمانن کي هدايت ڪئي وئي هئي تہ هو پرنس ڪريم جي زيرِ قيادت پاڪستان جي ڪافر حڪومت جي خلاف جهاد ڪن. حقيقت اها هئي تہ نہ رڳو بلوچستان جي رياست ۾ بلڪہ برٽش بلوچستان جي بلوچ سردارن ۽ پختون آباديءَ جي دلين ۾ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جا جذبا موجود هئا. بلوچستان جي پختونن تہ خان عبدالصمد اڇڪزئي ۽ ٻين جي قيادت ۾ صوبي سرحد جي پختون آباديءَ سان ملي ڪيترن ئي سالن کان جدوجهد شروع ڪري ڇڏي هئي ۽ ان حوالي کان جيل ڪاٽڻ شروع ڪيا هئا، پر برٽش بلوچستان جي بلوچ سردارن بہ پنهنجي خودمختياري قائم رکي ۽ ان کي قائم رکڻ لاءِ جتي بہ ضرورت پئي ڪوئيٽا ۽ مرڪزي حڪومت جي حڪمن جي مزاحمت ڪئي.

سردار عطاءُ الله مينگل، سردار خير بخش مري ۽ نواب اڪبر بگٽي ۽ ڪجهہ ان کان ننڍا ننڍا سردار بہ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ بادشاهاڻا اختيار رکندا هئا ۽ حڪومتِ پاڪستان سان تعاون ڪرڻ عيوض مراعتون حاصل ڪندا هئا. مون کي ياد آهي تہ 1970ع جي ڍاڪي ۾ وزيراعظم ۽ چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي ذوالفقفار علي ڀُٽي بلوچ سردار دودا خان تي الزام هنيو تہ سردار ماڻهن کي قتل ڪندو آهي. جڏهن وزيراعظم اسٽيج تي ويٺل دودا خان کي مائيڪروفون تي جواب ڏيڻ لاءِ گهرايو تہ جواب ۾ دودا خان ڀريل جلسي ۾ اعلان ڪيو تہ هو صرف ڏوهارين کي سزا طور قتلن جا حڪم ڏيندو آهي، يعني بحيثيت سردار هن کي رياست جا اختيار حاصل هئا.

ڪجهہ سال اڳ ٽي وي تي مجاهد بريلوي سردار عطاءُ الله مينگل کان انٽرويو ڪري رهيو هو. گفتگوءَ دوران بريلوي سردار مريءَ جي علائقي ۾ ڪجهہ عرصو

پهرين ٽيندڙ هڪ واقعي جو ذڪر ڪيو، جنهن ۾ صدر پرويز مشرف جي جلسي تي هڪ راڪيٽ ذريعي حملو ٿيو هو. بريلويءَ سردار مينگل کان پڇيو ته، “پاڪستان جي صدر جي جلسي تي راڪيٽ جو حملو نامناسب نه هو؟” جهالاوان جي سردار جواب ۾ بريلويءَ کان سوال ڪيو ته، “صدر صاحب ان علائقي ۾ ڪنهن کان پڇي ويو هو؟” پنهنجي موقف جي وڌيڪ تشريح ڪندي سردار مينگل چيو ته صدر مشرف جي جلسي تي حملي کي اهو نه سمجهڻ کپي ته حملو مري قبيلي جي سردار ڪرايو هو. هن چيو ته منهنجي قوم جو ٻار ٻه پنهنجي علائقي ۾ غير جي آمد جي مزاحمت ڪندو آهي. پوءِ پلي ان وٽ وڙهڻ لاءِ فقط هڪ لٺ ئي ڇو نه هجي.

سچ ته اهو آهي ته بلوچ قوم پهرين ڏينهن کان بلوچستان تي پاڪستان جي حڪومت جي بادشاهيءَ کي قبول نه ڪيو هو. پيهر 1947ع ۽ 1948ع ۾ بغاوت ۽ گهرو ويڙهه جهڙيون حالتون پيدا ٿي ويون. جن ۾ بلوچن جو تمام وڏو نقصان ٿيو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن قيد ڪاٽيا. اهو سلسلو گذريل سَٺ سالن کان ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن وڌ جاري آهي.

# انتظاميه بمقابله پارليامينٽ

ملڪ جي صوبن جون حالتون انتهائي ٻُڌتيءَ واريون هيون. پهريان قائداعظم گذاري ويو ۽ پوءِ لياقت علي خان. مرڪزي حڪومت ۽ صوبن وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي رهيا هئا، خود مرڪزي حڪومت اندر به جوڙ ٽوڙ ۽ اختلافن جو سلسلو جاري هو. اوپر پاڪستان ۽ اولهه پاڪستان خاص طور تي پنجاب جي وچ ۾ اختلاف، جيڪي لياقت علي خان جي زماني ۾ اُٿيا، ان جي قتل ڪانپوءِ اجان به وڌيڪ شديد ٿي ويا. سول آفيسر غلام محمد جي گورنر جنرل ٿيڻ ڪانپوءِ آفيسرشاهي ۽ سياستدانن جي وچ ۾ اختيارن جي حاصلات لاءِ اختلاف پيدا ٿيا، پنجابي گورنر ۽ بنگالي سياستدان وزيراعظم جي آئين ساز اسيمبلي ملڪ جي ٻنهي حصن جي بالادست طبقن جي مفادن ۽ وڏي شخصيتن جي انا پرستيءَ جي ور چڙهي وئي.

پاڪستان جي ٺهڻ جي ڪجهه سالن ڪانپوءِ ئي اوپر بنگال جا رهنما ان نتيجي تي پهچي چڪا هئا ته بنگال سان انصاف نه پيو ٿئي. حڪمرانيءَ تي پنجابي ۽ يو پي جي آفيسرن جو قبضو آهي ۽ اوپر بنگال جا سينيئر آفيسر نه هجڻ جي برابر آهن. ان زماني ۾ بنگال جي وڏن وڏن جيد رهنمائن حسين شهيد سهروردي، مولوي فضل الحق، حميد الحق چوڌري، مولانا ڀاشاني، ابوالهاشم، خواجه ناظم الدين ۽ نورالامين ۽ اُنهن ڪانسواءِ به ڪيترائي وڏا سياستدان هئا، جن ننڍي کنڊ جي سياست ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو هو شامل هئا. اها ڳالهه به صحيح آهي ته اُنهن سياستدانن جا پاڻ ۾ اختلاف هئا، پر اختلافن جو سبب اهو هو ته اُهي بنگالي وزيرن تي اهو الزام هڻندا هئا ته هو ڪراچيءَ جي حڪومت جي سامهون ڪنڌ

جهُڪائي وينا هوندا آهن. جڏهن ته ان آئين ساز اسيمبليءَ ۾ بنگالين جي ٻين صوبن کان وڌيڪ اڪثريت به هئي.

حقيقت اها آهي ته سِوِل انتظاميه جي اعليٰ آفيسرن مثال طور سيڪريٽرين جي سامهون وزيرن جي نه هلندي هئي. آفيسرن رڳو صحيح وٺڻ ۽ عوام کان گهٽ وڌ ڳالهرائڻ لاءِ وزيرن کي ڪرسين تي ويهاريو هو. حڪومت آفيسرن جي هئي، جيڪا وزيرن ۽ اسيمبلين جي نالي تي ڪئي ويندي هئي. هڪ سي ايس پي آفيسر قمرالاسلام ڊان ۾ مضمون لکيو ته هڪ ڏينهن ڪابينا ۾ ڏاڍو سخت بحث تي رهيو هو. لاهور ۾ زبردست احتجاج هو ۽ حڪومت پريشان هئي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هڪدم ڊفينس سيڪريٽري ميجر جنرل اسڪندر مرزا، جيڪو سِوِل ملازمت دوران فوجي ڪرنل مان ميجر جنرل ٿي ويو هو ميٽنگ مان ٻاهر نڪتو ۽ ٿوري دير ۾ واپس اچي وزيراعظم ۽ ٻين وزيرن کي ٻڌائين ته هاڻي هن مسئلي تي وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي، ڇو ته هن لاهور جي جنرل اعظم کي هدايت ڪري ڇڏي آهي ته هو لاهور ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏي. اسڪندر مرزا وڌيڪ ٻڌايو ته پهريان هن ڪمانڊر اِن چيف ايوب خان سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو فوجي مشقن جي سلسلي ۾ ٻاهر ويل هو. ان جي غير حاضريءَ ۾ هن لاهور جي ڪمانڊر کي سڌو سنئون هدايت ڪئي ته فوج لاهور ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏي. هڪ سوال جي جواب ۾ ڊفينس سيڪريٽري اسڪندر مرزا جواب ڏنو ته مارشل لا هٽڻ لاءِ حڪومت جي اجازت جي به ضرورت ناهي هوندي. هن اهو به ٻڌايو ته انڊين آرمي ايڪٽ تحت، جنهن کي پاڪستاني حالتن مطابق اختيار ڪيو ويو هو اُن موجب فوج جي هر ڪميشنڊ آفيسر جو فرض هوندو آهي، ته جڏهن سِوِل انتظاميه ناڪام ٿي وڃي ته هو اختيار سنڀالي وٺن. ان واقعي مان صاف ظاهر آهي ته اسڪندر مرزا جهڙا سِوِل آفيسر ۽ جنرل اعظم جهڙا جرنيل سياسي حڪومت کان مٿانهون هر اُهو ڪم ڪندا هئا، جيڪو چاهيندا هئا ۽ پنهنجي ڪارروائيءَ کي قانون مطابق سمجهندا هئا. اُن وقت جا فوجي آفيسر ڊفينس سيڪريٽريءَ جي حڪم هيٺ هئا.

اها سِوِل آفيسر شاهي وزيراعظم خواجه ناظم الدين، اُن جي وزيرن ۽ پارليامينٽ کي ليکي ۾ ئي نه آڻيندي هئي. هنن ناظم الدين حڪومت کي برطرف ڪرڻ ۾ ڪابه هيڪ محسوس نه ڪئي. اپريل 1953ع ۾ پاڪستان جي سِوِل ۽

ملٽري آفيسر شاهيءَ خواجہ ناظم الدين کي برطرف ڪرڻ بعد محمد علي بوگره کي وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويهاري ڇڏيو جيڪو اسيمبليءَ جو ميمبر بہ نہ هو.

اوڀر بنگال ۾ عوام جي آواز کي تہ ڪراچيءَ جي آفيسرن ڇيپاڻي ڇڏيو پر هاڻي انهن جو مقابلو آئين ساز اسيمبليءَ ۾ بنگالي اڪثريتي صوبي جي نمائندن سان ٿي پيو هو. آهستي آهستي اُنهن کي يقين ٿي ويو هو تہ عوام جي چونڊيل نمائندن جي رستي ۾ آفيسر شاهيءَ جو ڪرتا ڌرتا گورنر جنرل غلام محمد ۽ اُن جا اختيار آهن. سيپٽمبر 1954ع ۾ آئين ساز اسيمبليءَ بہ قانون پاس ڪيا. پهرين ذريعي قانون ختم ڪيو ويو جنهن تحت گورنر جنرل کي اهو اختيار هو تہ هو چونڊيل نمائندن مٿان بدعنوانيءَ جا الزام هڻي ڪارروائي ڪري سگهي ۽ ٻيو گورنر جنرل جي وزير ناهڻ جي اختيارن کي محدود ڪيو ويو. هاڻي هو صرف اسيمبلي ميمبرن مان ئي وزير کڻي سگهيو ٿي ۽ گڏوگڏ گورنر جنرل کي اسيمبليءَ جي ماتحت ڪيو ويو. ڪابينا جي سفارش سان ئي گورنر جنرل ڪو قدم کڻي سگهندو هو. گورنر جنرل اُنهن ڏينهن ۾ ايبٽ آباد ۾ هو. هو هڪدم ڪراچيءَ موٽيو. ايوب خان سان مشورو ڪري ملڪ ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪري ڇڏيائين ۽ آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيائين. گورنر جنرل نئين ڪابينا ناهي، جنهن ۾ ايوب خان وزيرِ دفاع ۽ اسڪندر مرزا گهرو وزير ٿي ويا. نين چونڊن جو واعدو ڪيو ويو. اسيمبليءَ جي صدر کي سرڪاري رهائشگاهہ مان ڪڍيو ويو.

چونڊيل آئين ساز اسيمبليءَ جي صدر تميزالدين خان سنڌ چيف ڪورٽ ۾ گورنر جنرل جي حڪم خلاف اپيل داخل ڪئي، جنهن کي هڪ فُل بينچ منظور ڪندي گورنر جنرل جي حڪم کي ناجائز ۽ بي اثر قرار ڏنو. حڪومت ڪورٽ جي ان فيصلي خلاف اپيل ڪئي، جنهن تي فيڊرل ڪورٽ جي چيف جسٽس محمد منير فيصلو ڏنو تہ پاڪستان جي آئيني اسيمبلي مڪمل طور تي خودمختيار ادارو ناهي ۽ ان جي فيصلن تي ملڪ برطانيہ پاران مقرر ڪيل گورنر جنرل جي صحيح جي ضرورت آهي. ان ڪري سنڌ چيف ڪورٽ جو فيصلو ناجائز آهي. ان چيف جسٽس جي خيال ۾ پاڪستان اڃا تائين آزاد ئي نہ ٿيو هو. برطانوي راڄ جي ناهيل گورنر جي عهدي جي قلم مان آئين ساز اسيمبليءَ جي برطرفي جائز هئي.

آئين ساز اسيمبليءَ جي برطرفيءَ ڪانپوءِ اعليٰ آفيسرن پنهنجي هلائي. اوڀربنگال جو نالو اوڀر پاڪستان رکيو ويو. پنجاب، سنڌ ۽ سرحد صوبن ۽

بهاولپور جي نظام کي ختم ڪري اولهہ پاڪستان جي نالي سان نئون صوبو ٺاهيو ويو. لاهور جي گورنر هائوس ۾ رهندڙ گورنر کي سڄي اولهہ پاڪستان جو گورنر ٺاهيو ويو. هوم سيڪريٽري کي پوري پاڪستان جي پوليس جو سربراهہ بڻايو ويو. ننڍا صوبا جيڪي وڌيڪ خودمختياريءَ جا خواهشمند هئا، اُنهن جا رهيل کهيل اختيار بہ ختم ٿي ويا. آگسٽ 1955ع ۾ بيمار پنجابي ڊڪٽيٽر تي فالج جي اٽرن ۾ اضافو ٿيو. هو حڪومتي ڪم ڪرڻ جي قابل نہ رهيو. ان کي هٽايو ويو ۽ ان جي جاءِ تي اسڪندر مرزا کي گورنر جنرل بڻايو ويو. اسڪندر مرزا کي حڪومت ڪرڻ ۾ ڏاڍيون ڏکيائون پيش آيون. سڄي پاڪستان حڪومت جي مخالفت ڪئي. مزدور ۽ هاري روڊن تي نڪري آيا. پاڪستان جي سول ۽ فوجي آفيسرشاهيءَ کي انتهائي پيچيده مسئلن جو منهن ڏسڻو پيو. هو هڪ گروپ کي مڃائيندا هئا تہ ٻيو گروپ ناراض ٿي ويندو هو. حڪمرانن جي سامهون جيڪو نئين آئين ساز اسيمبلي ٺاهڻ جو ڪم هو، اُهو نہ ٿي سگهيو. نئون آئين ٺاهڻ ضروري هو ان لاءِ نئين پارٽي وجود ۾ آڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. هر قسم جا جائز ۽ ناجائز حربا استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ ٻي آئين ساز اسيمبلي ٺاهي وئي.

حڪمرانن ۽ انهن سان گڏ هلندڙ ليڊرن کي آئين ٺاهڻ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾ سنگين متبادل صورتون نظر اچي رهيون هيون. ماڻهو سُٺو يا خراب ڪنهن بہ قسم جو آئين قبول ڪرڻ لاءِ تيار هئا، ڇو تہ دنيا ۾ پاڪستان جي شهرت خراب ٿي رهي هئي، ان لاءِ عوامي مطالبو ايڏو تہ پُرزور هو جو اُن کي نظرانداز نہ پئي ڪري سگهجيو. پهرين اسيمبليءَ جي اُبتڙ ٻيءَ اسيمبليءَ ۾ ڪنهن بہ پارٽيءَ کي اڪثريت حاصل نہ ٿي هئي. اسڪندر مرزا هڪ نئين سياسي پارٽي "ريپبلڪن پارٽيءَ" جي نالي سان ٺاهي. ايوانِ صدر ۾ وزارتون ۽ مراعتون جي حاصل ڪرڻ لاءِ اسيمبلي ميمبرن جي منڊي لڳي وئي. سياسي بيغرتائپ جو نئون دؤر شروع ڪرايو ويو. حڪمران گڏيل پارٽيءَ اندر متضاد عنصر جمع هئا. 1955ع ۾ نومبر ۽ ڊسمبر جي مهينن ۾ اسيمبليءَ جو اجلاس بار بار ملتوي ٿيو ڇو تہ گڏيل پارٽي پنهنجا اختلاف طئي نہ ڪري سگهي هئي. ڇئن مهينن جي محنت ڪانپوءِ 8 جنوري 1956ع تي آئين جو مسودو شايع ڪيو ويو. 23 مارچ 1956ع تي پاڪستان جو پهريون آئين لاڳو ڪري "اسلامي جمهوريہ پاڪستان" جو قيام عمل ۾ آندو ويو. نئين آئين تحت چوڌري محمد علي وزيراعظم طور حلف کنيو ۽ ميجر جنرل اسڪندر مرزا ملڪ جو پهريون آئيني

صدر مقرر ٿيو. اسڪندر مرزا صدر تہ ٿي ويو پر ملڪ ۾ امن امان جون حالتون خراب هيون. سنڌ ۾ سرحد وارا صوبا بہ هن جي ٺاهيل نئين اولهہ پاڪستان جي يونٽ جا وڏا مخالف هئا. بلوچستان جي حالتن کان تہ وفاقي حڪومت سدائين پريشان هئي. عوام ۽ سول سوسائٽي اسيمبلي ميمبرن جي ڦُرلُٽ ۽ ايوان ۾ ٿيندڙ بيڪار بحثن مباحثن کان بہ تنگ اچي چڪي هئي; ۽ آمريڪا بہ ناراض هو. آمريڪا چاهيو ٿي تہ پاڪستان سان ڪو دفاعي معاهدو ٿي وڃي. آمريڪا روس جي چوڌاري گهيراءُ ڪرڻ لاءِ ايشيا جي ملڪن سان اتحاد ٺاهڻ پئي چاهيو. اندرون ۽ بيروني حالتن کي ڄاڻندي اسڪندر مرزا پنهنجي لاءِ موقعو ڏٺو. هن صحيح اندازو لڳايو تہ عوام مهانگائيءَ، بيروزگاريءَ ۽ سياستدانن جي ڪردار جي ڪري مايوس ٿي چڪو آهي. ملڪ ۾ عام چونڊن لاءِ سياسي سرگرميون عروج تي هيون. هڪ طرف اسڪندر مرزا ايوانِ صدر ۾ سازشن ۾ مصروف هو تہ 7 آڪٽوبر 1958ع تي اسڪندر مرزا آئين ٽوڙي ڇڏيو ۽ ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ڪري جنرل محمد ايوب خان کي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري ڇڏيو.

پاڪستان حڪمرانيءَ جي هڪ نئين دؤر ۾ داخل ٿيو. انگريزن جي ٺاهيل سول آفيسر شاهي پاڪستان تي يارنهن سال حڪومت ڪئي. آفيسرن جي آپيشاهي نہ صرف عوام جي چونڊيل ادارن تي هئي پر فوج تي بہ هئي. جڏهن ضرورت سمجهي وئي تہ صوبائي ۽ مرڪزي اسيمبليون ٽوڙيون ويون ۽ جهڙيون چاهيائون، تهڙيون ٺاهي ڇڏيائون. ڪوڙيون چونڊيون ڪرايون ويون، پسند جا ماڻهو چونڊرايا ويا، جنهن کي چاهيائون، تنهن کي وزير ٺاهي ڇڏيائون، وزيراعظم ٺاهي ڇڏيائون ۽ جڏهن چاهيائون کين گهر پيڙو ڪيو ويو. سفارش ۽ اقرباپروريءَ جي بازار گرم هئي، ڦُرلٽ ۽ پنهنجا نوازيءَ ۾ اقتدار ڌڻين خوب حصو ورتو. مزدورن، هارين، ٽريڊ يونين جي ڪارڪنن ۽ ڪاہيءَ ڌر جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي هر قسم جون پابنديون وڌيون ويون ۽ ظلم ڪيا ويا. سول آفيسرن انگريزن جو ٺاهيل فيڊرل نظام قائم رکيو. شروعاتي يارنهن سالن ۾ صوبائي ۽ هر قسم جي قومي تضادن جا بنياد رکيا ويا، قوميتن جي حقن کي پائمال ڪيو ويو. پنجابي- سنڌي، پنجابي- پختون، پنجابي- بلوچ ۽ سنڌي- مهاجر اختلافن کي چوٽ چاڙهيو ويو. هر قسم جي انساني حقن کي پائمال ڪيو ويو.

# سول انتظاميہ بمقابلہ ملٽري انتظاميہ

صدر اسڪندر مرزا جو خيال هو تہ ايوب جي مارشل لا بہ ايئن ئي هوندي، جيئن هن 1954ع ۾ جنرل اعظم کان لاهور ۾ مارشل لا لڳرائي هئي: جڏهن چاهي لڳرائي ۽ جڏهن چاهي هٽرائي، پر هن نہ ٿي ڄاتو تہ اقتدار بندوق يا پوري عوامي حمايت سان جنم وٺندو آهي. سول آفيسر شاهيءَ جي پوليس پاور کي ملٽريءَ جي طاقت جو مقابلو ڪرڻ جي حيثيت نہ هئي. ايوب خان جي هٿ ۾ بندوق هئي ۽ اسڪندر مرزا کي عوام جي ذرو بہ حمايت حاصل نہ هئي. نيڪ ويهن ڏينهن ڪانپوءِ رات جي وقت فوج جي هڪ دستي ايوانِ صدر جو گهيراءُ ڪيو. ٽي جنرل ۽ هڪ هٿياربند برگيڊيئر اسڪندر مرزا ڏانهن ويا ۽ هن کي صدارتي ڪرسيءَ تان لاهي پهرين ڪوئيٽا ۽ پوءِ لنڊن روانو ڪري ڇڏيائون. جتي هن پينشن تي پنهنجي زندگيءَ جا باقي سال گذاريا. ايوب خان اسڪندر مرزا کي هٽائڻ ڪانپوءِ پاڻ پاڪستان جو حاڪمِ اعليٰ بڻجي ويو. هن کي ڪجهه سول آفيسرن کان خطرو هو. اقتدار ۾ ايندي ئي هن مارشل لا جي حڪم تحت سي ايس پي آفيسرن جي نوڪري ختم ڪري اُنهن کي بہ اسڪندر مرزا جيان پينشن تي روانو ڪري ڇڏيو. انگريزن جي ٺاهيل سِول سروس ۽ ان جي طاقت لاءِ هيءُ وڏو ڌڪو هو. فوجي آفيسر سِول آفيسرن تي حاوي ٿي ويا.

# انتظاميه بمقابله عوام

## پهرين فوجي حڪومت

1958ع ۾ ايوب خان واري مارشل لا جو نفاذ ڪو اوچتو واقعو نه هو. اهو هڪ شخص جي مرضيءَ جو نتيجو به نه هو. ايوب خان اسڪندر مرزا سان ملي 7 آڪٽوبر تي مارشل لا لڳائي ۽ بعد ۾ پاڻ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿي وينو. ايوب خان پنهنجي ڪتاب "فرينڊس ناٽ ماسٽرس" ۾ ذڪر ڪيو آهي ته هو هڪ عرصي کان سوچي رهيو هو ته سياستدان ملڪ نه هلائي سگهندا ۽ ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيندا. ان ڪري منهنجي ذهن ۾ مارشل لا واري ڳالهه اڳ ئي موجود هئي. اسڪندر مرزا به پارلياماني جمهوريت جي خلاف پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو رهندو هو. 1956ع ڪانپوءِ جڏهن هو پاڪستان جو صدر هو ته هن سرعام چيو هو ته قوم کي جمهوريت راس نٿي اچي ۽ هيءَ قوم جمهوريت جي قابل نه آهي ۽ هي ماڻهو ڏنڊو پسند ڪندا آهن. 1958ع واري مارشل لا هڪ تاريخي عمل جو نتيجو هئي. اهو اُهو ئي عمل هو، جنهن انگريزن جو هندستان ۾ رهڻ ناممڪن بڻائي ڇڏيو هو يعني آفيسرن جي حڪمراني هئي، ماضيءَ جيان اختيار آفيسرن وٽ رهيا، نالا وزيرن ۽ اسيمبلين جا ڪنيا ويا. جڏهن ڪم نه ٿيو ۽ ماڻهن جا مسئلا حل نه ٿيا ته وزيرن ۽ اسيمبلين کي گهر پيڙو ڪيو ويو ۽ ساڳين آفيسرن جي حڪومت قائم رهي. ان عمل جي نتيجي ۾ 1951ع ڪانپوءِ جي پاڪستان کي سياسي نظام، ملڪ جي حالتن ۽ واقعن، رياست جي اندروني ۽ ٻيروني پاليسين، جي ڪري ٻن قوتن کي مضبوط ٿيڻ جو موقعو مليو جن مان هڪ سول آفيسر

شاهي ۽ ٻي فوج هئي. انهن ٻنهي جي عروج سان سياسي قوتون ڪمزور ٿينديون رهيون. سياسي قوتن ڪي وڏو ڌڪو عالمي سطح تي سرد جنگ ڪري ٻہ پهتو.

اقبال احمد پنهنجي هڪ ليڪچر ۾ چيو هو تہ ملائيشيا جي وزيراعظم تنڪو عبدالرحمان کان جڏهن پڇيو ويو تہ "توهان SEATO ۾ شامل ڇو نٿا ٿيو؟" تہ هن جواب ۾ چيو هو تہ "جمهوريت جي ڪري"معنيٰ ملائيشيا جي حڪمرانن کي خدشو هو تہ جيڪڏهن هنن آمريڪا سان فوجي معاهدو ڪيو تہ سندن ملڪ ۾ جمهوريت ڪمزور ٿي ويندي.

سِول سروس جي آفيسرن سان گڏ ايوب خان سياستدانن خلاف ڪارروائي شروع ڪئي. 1959ع ۾ هڪ قانون ذريعي سينيئر سياستدانن جي خلاف جاچ شروع ڪئي وئي ۽ عوام جي ڪيترن ئي مقبول سياستدانن کي سياست بدر ڪري ڇڏيو جن ۾ حسين شهيد سهروردي، چوڌري محمد علي ۽ مشتاق احمد گورماڻي شامل هئا. ان ڪانپوءِ ايوب خان لاءِ وڏو مسئلو پنهنجي حڪومت لاءِ جمهوري جواز قائم ڪرڻ هو. يعني پنهنجي طاقت ذريعي حاصل ڪيل حڪومت کي سِول حڪومت ۾ تبديل ڪرڻو هو جيڪو هن عوام جي چونڊيل بنيادي جمهوريت جي نظام (Basic Democratic Election) جو نظام ڏئي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ايوب خان مئي 1959ع ۾ اها اسڪيم متعارف ڪرائي. ان تحت آسي هزار بي ڊي ميمبرن جي سڌي سنئين چونڊ ٿي، جنهن ۾ چاليهہ هزار اوڀر پاڪستان ۽ چاليهہ هزار اولهہ پاڪستان مان هئا. ايوب خان جو خيال هو تہ هو پنهنجي مرضيءَ سان آسي هزار ماڻهو چونڊرائي وٺندو ۽ هن وٽ آسي هزار ماڻهو هوندا، تہ هو ملڪ جي سياست تي ڪنٽرول ڪري سگهندو. هن کي ان نظام جي لاءِ آمريڪا کان تمام گهڻا پئسا مليا. ايوب خان ان نئين چونڊيل بي ڊي ميمبرن کان هڪ ريفرنڊم ذريعي پنهنجي حق ۾ اعتماد جو ووٽ ورتو. جيڪو سوال ان بي ڊي ميمبرن کان ڪيو ويو اُهو هيءُ هو: "ڇا توهان جو صدر (فيلڊ مارشل) محمد ايوب خان، هلالِ پاڪستان، هلالِ جرئت تي اعتماد آهي؟" بي ڊي ميمبرن "ها" ۾ جواب ڏنو. اهڙيءَ طرح 1960ع ۾ ايوب خان پهرئين چونڊيل صدر جي حيثيت سان حلف کنيو. ايوب خان هڪ اهڙو آئين تيار ڪيو جنهن سان سمورو اختيار صدر جي ئي هٿ ۾ اچي ويو. بي ڊي ميمبرن ذريعي هن هڪ پارليامينٽ بہ چونڊرائي.

وقت گذرڻ سان ايوب خان جي حڪومت پنهنجي آمراڻي ۽ شخصي پاليسين جي تضادن جي ڪُن ۾ ٻُڏندي هلي وئي ۽ ان ملڪ کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائڻ جا بنياد

رکي ڇڏيا. اوڀر پاڪستان جو وچون طبقو بہ پنھنجن حقن کان محروميءَ کي گھڻو وقت برداشت نہ ڪري سگھيو. ايوب خان خلاف ھڪ سياسي طوفان اُٿيو. اوڀر بنگال کي مجيب الرحمان جي شڪل ۾ ھڪ نئون ليڊر ملي ويو. ھن صوبائي خودمختياريءَ جي حاصلات لاءِ ڇھ نُڪتا پيش ڪيا. 1966ع ۾ ھن کي ھندستان سان لاڳاپن جي الزام ھيٺ غدار قرار ڏئي جيل ۾ وڌو ويو ۽ مٿس ڍاڪا ۾ 1968ع ۾ اگرتلہ سازش جي ڪيس جي نالي سان کُلي عدالت ۾ ڪيس ھلايو ويو. بنگالين جي ھجوم ان عمارت کي باھہ ڏئي ڇڏي، جتي پنجابي جج ايس اي رحمان مقدمو ھلائي رھيو ھو. جسٽس ايس اي رحمان پنھنجي جان بچائي لاھور موٽي آيو.

ھيڏانھن اولھہ پاڪستان ۾ 1965ع جي جنگ کانپوءِ ذوالفقار علي ڀُٽي ايوب خان کي اقتدار مان ھٽائڻ لاءِ ھڪ پارٽيءَ ۽ تحريڪ جو بنياد وڌو. 21 سيپٽمبر 1968ع تي حيدرآباد ۾ ھڪ عام جلسي ۾ ھن قسم کنيو تہ ھو جيستائين صدر ايوب کي اقتدار جي مسند تان نہ لاھيندو، سُک سان نہ ويھندو. ايوب خان خلاف تحريڪ شاگردن جي احتجاج کان شروع ٿي ھئي، شاگردن جو اھو احتجاج ننڍيءَ سطح تي تاشقند معاھدي کانپوءِ شروع ٿيو ھو. ان موقعي تي پھريون دفعو جنھن سياسي اڳواڻ شاگردن جي مظاھري ۽ سندن تحريڪ جي علي الاعلان حمايت ڪرڻ جو اعلان ڪيو، اُھو ذوالفقار علي ڀُٽو ھو. ھو پرڏيھي وزارت ڇڏي چڪو ھو. ھن اعلان ڪيو تہ ھو شاگردن جي ان احتجاج ۽ تحريڪ ۾ ساڻن گڏ آھي. ان کان پھرين اڪثر سياستدان اھو چوندا ھئا، خاص طور تي مارشل لا جي مخالفت واري زماني جي تحريڪن جي باري ۾، تہ شاگردن جو ڪم صرف تعليم حاصل ڪرڻ آھي ۽ سياست ۾ عملي طور اُنھن کي حصو نہ وٺڻ گھرجي. اڪثر مخالف ڌر جون پارٽيون بہ اھو ئي چونديون ھيون. ايوب خان خلاف ان تحريڪ جي وسعت جو اندازو ھينئن قدمن سان لڳائي سگھجي ٿو جيڪي مختلف طبقن کنيا.

7 نومبر 1968ع تي ھڪ مظاھري دوران ھڪ شاگرد عبدالحميد کي ماريو ويو، جنھن کانپوءِ 10_11 نومبر تي پشاور واري جلسي ۾ ايوب خان تي ھاشم نالي ھڪ نوجوان گولي ھلائي، جنھن سان ايوب خان جي مخصوص شخصي تاثر کي وڏو ڌڪ رسيو ۽ پھريون دفعو ماڻھن کي خبر پئي تہ ايوب خان ايڏو وڏو ليڊر ناھي يا اھڙو ليڊر ناھي، جنھن کي ھٽائي نہ سگھجي. 13 ۽ 14 نومبر 1968ع تي ذوالفقار علي ڀُٽو ۽ ولي خان سميت اڪثر ڪاٻي ڌر جي سياسي

اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. ان واقعي خلاف 15 نومبر تي وڪيلن احتجاج ڪيا. اهو پهريون جلوس هو جيڪو ڪنهن مخصوص طبقي طرفان ڪيو ويو.

28 نومبر تي پيپلز پارٽي ۽ نيپ طرفان گڏيل جلوس ۽ مظاهرا ڪيا ويا. 19 نومبر تي ڪراچيءَ ۽ لاهور ۾ هاءِ ڪورٽ بارز طرفان مظاهرا ڪيا ويا. ان ڪانپوءِ 8 ڊسمبر تي ايوب خان ڍاڪا جو دورو ڪيو. جتي شاگردن ان خلاف زبردست احتجاج ڪيو. پوليس فائرنگ ۾ ٻه شاگرد مارجي ويا. 10 ڊسمبر 1968ع تي پاڪستان جي صحافين فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي اپيل تي آل پاڪستان هڙتال ڪئي. 20 ڊسمبر 1968ع تي لاهور ۾ جميعت علماءِ اسلام جلوس ڪڍيو. جلوس تي لاٺي چارج ڪئي وئي، تمام گهڻا ڪارڪن زخمي ٿيا. 3 جنوري 1969ع تي ڍاڪا ۾ سڀني سياسي پارٽين جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اليڪشن ۾ حصو وٺڻ يا نه وٺڻ بابت غور ڪيو ويو.

21 جنوريءَ تي ڊاڪٽرن پاران لاهور ۾ پهريون مظاهرو ڪندي جلوس ڪڍيو ويو ۽ پنهنجا مطالبا پيش ڪيا. 24 جنوريءَ تي شاگردن ڍاڪا ۾ مظاهرو ڪيو. جنهن تي پوليس گوليون هلائي هڪ شاگرد کي ماري وڌو جنهن کان پوءِ ڍاڪا ۾ ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو. شاگردن ڪيترائي دڪان ساڙي ڇڏيا ۽ اُن ڏينهن پوليس فائرنگ ۾ ٻيا به وڌيڪ ڇهه شاگرد مارجي ويا. پنجويهين جنوريءَ تي ڪراچيءَ ۾ جلوس ڪڍيو ويو. پيچ ڊاهه جا واقعا ٿيا ۽ بسيون ساڙيون ويون. 26 جنوريءَ تي ڍاڪا ۾ نارائڻ گنج ۾ ڪرفيو جي خلاف ورزيءَ دوران تي ماڻهو پوليس فائرنگ ۾ مارجي ويا ۽ مظاهرو ڪندڙن بي ڊي ميمبرن تي حملو ڪيو. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جي آفيس تي حملو ڪري ان کي باهه ڏني وئي. ڪراچيءَ سان گڏوگڏ گجرانواله، لاهور ۽ ڍاڪا ۾ ڪرفيو جي وقت ۾ اضافو ڪيو ويو. 14 فيبروريءَ تي ريلوي، واپڊا ۽ رڪشا - ٽيڪسيءَ جي يونينس جي ڪارڪنن هڙتال ڪئي ۽ لاهور ۾ مظاهرو ڪيو. ويسٽ پاڪستان فيڊريشن آف ٽريڊ يونينس پنهنجا معاشي مطالبا پيش ڪيا، جن ۾ بنيادي پگهارن ۾ اضافو ڪرڻ ۽ مزدورن لاءِ وڌيڪ مراعتن جا مطالبا ڪيا ويا. 17 فيبروريءَ تي PIDC جي ڪارڪنن ملتان ۾ هڙتال ڪئي. 19 فيبروريءَ تي ٽريڊ يونينس گڏجي لاهور ۾ مظاهرو ڪيو. 21 فيبروريءَ تي ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ جي سڀني ڪلارڪن هڙتال ڪري مظاهرو ڪيو. 23 فيبروريءَ تي روڊ ٽرانسپورٽ جي ڪارڪنن مظاهرو ڪيو. جنهن ۾ اسپتالن جا ڪارڪن ۽ PWD جا ڪارڪن به شامل ٿي ويا. 24 فيبروريءَ تي روڊ ٽرانسپورٽ

جي ڪارڪنن ڀيهر مظاهرو ڪيو ۽ ساڳئي ئي ڏينهن بهاولپور جي اسڪول ٽيچرس تمام وڏو مظاهرو ڪيو. 25 فيبروري تي جوائنٽ ليبر ڪائونسل تحت مزدورن مطالبن جو هفتو ملهايو ۽ باسڪو جي فيڪٽري، جيڪا گجرات ۾ آهي، ان ۾ ٽيرنهن ڏينهن جي هڙتال ڪئي وئي. 4 مارچ تي ٽپالين هڙتال ڪئي، جيڪا ٽيرنهن ڏينهن تائين جاري رهي. 4 مارچ تي ئي ٽيليفون ۽ ٽيليگراف جي ٻن هزار ڪارڪنن هڙتال جو اعلان ڪيو. 5 مارچ تي ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي ڏهه هزار ڪارڪنن هڙتال ڪئي، جيڪا پنجن ڏينهن تائين جاري رهي. 6 مارچ تي لاهور جي ريلوي ورڪرس هڙتال ڪري مظاهرو ڪيو ۽ هڪ اهڙي شخص کي، جنهن جي باري ۾ سندن خيال هو ته هيءُ ايوب خان جو حامي آهي، هن کي مظاهري دوران تشدد ڪري ماري ڇڏيائون. 7 مارچ تي نيشنل بئنڪ جي ورڪرس هڙتال ڪئي ۽ ريلوي ورڪرس لاهور ۾ مظاهرو ڪيو. ويسٽ پاڪستان فيڊريشن آف ٽريڊ يونينس لاهور ۾ هڪ تمام وڏي ريلي ڪڍي. 8 مارچ تي ڪراچيءَ ۾ استادن جلوس ڪڍيو، جن جي حمايت ۾ مزدورن به هڪ وڏو جلوس ڪڍيو.9 مارچ تي سينٽرل هائيڊرو اليڪٽرڪ يونين جو هڪ مظاهرو ٿيو جنهن ۾ هنن مطالبا پيش ڪيا، جن ۾ ڏيڍ سئو روپيا بنيادي پگهار جو مطالبو به شامل هو ۽ اُنهن بنيادي صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي مطالبي جو ڀرپور پيرو اعلان ڪيو. ايسٽرن فيڊرل يونين به انهيءَ ڏينهن هڙتال جو اعلان ڪيو. ٻارنهن مارچ تي واپڊا جي ڪارڪنن مظاهرو ڪري جلوس ڪڍيو. ٽيلي ڪميونيڪيشن جي ڪارڪنن به ٻارنهن مارچ تي هڙتال ڪئي، جيڪا اَٺن ڏينهن تائين جاري رهي. ڪراچيءَ جي اسڪولن جي استادن هڪ مظاهرو ڪيو جنهن ۾ تقريبن پنج هزار اسڪول ٽيچرس شامل هئا ۽ چوڏهن هزار پوسٽل ڪلاڪ به ٽپالين سان گڏ هڙتال ۾ شامل ٿيا. 12 مارچ تي ٽيليفون آپريٽرس به هڙتال ڪري ڇڏي. ٽيرنهن مارچ تي ٽيلي ڪميونيڪيشن جي ڪارڪنن مظاهرو ڪيو جن سان گڏ انجنيئرنگ اسٽاف به شامل ٿي ويو. چوڏهن مارچ تي لانگ ڊسٽنس آپريٽرس به هڙتال ۾ شامل ٿي ويا. 15 مارچ تي نيشنل اينڊ گرينڊ ليز بينڪ جي اسٽاف به هڙتال ڪري ڇڏي. 17 مارچ تي لاهور جي پرائمري اسڪولن جي ويهه هزار استادن هڪ ميل ڊگهو جلوس ڪڍيو جنهن ۾ پنجاب جي ٻارنهن ضلعن جا استاد شامل ٿيا. 18 مارچ تي جوائنٽ ليبر ڪميٽيءَ جي سڏ تي پنجويهه لک مزدورن پوري ملڪ ۾ هڪ ئي ڏينهن هڙتال ڪئي. 19 مارچ تي ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي ڇهه هزار مزدورن بنا ڪنهن نوٽيس جي هڙتال

ڪري ڇڏي. 21 مارچ تي انڊيا فلور ملز ۽ ڪراچي اسٽيم رولر ملز جي ڪارڪنن ملز تي قبضو ڪري ورتو ۽ مزدورن جي هڪ ڪاميٽي ٺاهي ته جيئن ملز جو انتظام سنڀالي سگهن. اُن ئي ڏينهن اڪائونٽس کاتي جي ويهه هزار ڪارڪنن هڙتال ڪري ڇڏي. 21 مارچ تي ئي اسپتالن جي چوٿين گريڊ جي ملازمن هڙتال ڪئي.

ان سڄي عرصي ۾ اولهه پاڪستان ۾ چوويهه گهيراءَ جا واقعا ٿيا. جن ۾ وڏيون وڏيون فيڪٽريون، ڪجهه سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جي آفيسن تي ڪارڪنن قبضو ڪيو ۽ پنهنجا مطالبا مڃرائي ورتا. ان تحريڪ ۾ 239 ماڻهو مارجي ويا. جن مان اوڀر پاڪستان جا 196 ۽ اولهه پاڪستان جا 43 ماڻهو هئا. تفصيلن موجب پوليس فائرنگ سان اولهه پاڪستان ۾ 41 ۽ اوڀر پاڪستان ۾ 88 ماڻهو ماريا ويا. جن ۾ اڪثريت شاگردن جي هئي. جيڪي خبرون اخبارن ۾ شايع ٿيون، تن جي رڪارڊ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته جيڪي جلوس ڊاڪٽرن، وڪيلن، انجنيئرنگ ۽ ٻين ڪڍيا، تن تي فائرنگ نه ڪئي وئي، پر جيڪي جلوس شاگردن ۽ مزدورن ڪڍيا، تن تي فائرنگ ڪري ماڻهو ماريا ويا. ان تحريڪ دوران 103 ماڻهو اوڀر پاڪستان ۾ هجوم جي هٿان ماريا ويا.

سياستدانن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ صدر ايوب، مجيب الرحمان کي آزاد ڪري اُن خلاف داخل ڪيل ڪيس واپس وٺي ڇڏيا ۽ اهو اعلان ڪيو ته عوام جا نمائندا پنهنجي مرضيءَ جو نئون آئين ملڪ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ قطعي طور تي آزاد آهن ۽ هو پاڻ ايندڙ صدارتي چونڊن ۾ حصو نه وٺندو. ان پس منظر ۾ 26 فيبروري 1969ع تي صدر ايوب ۽ سياستدانن ڪانسواءِ شيخ مجيب الرحمان ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، پر شيخ مجيب الرحمان پنهنجن ڇهن نُڪتن تي اٽل بيٺو رهيو. ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ مولانا ڀاشاني ان ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪيو. اها ڪانفرنس ناڪام ٿي وئي. ايوب خان هڪ دفعو وري قانون جي ڀيڪڙي ڪندي اقتدار جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪري ڇڏيو.

جنرل يحيٰ خان مارشل لڳائي ڇڏي. جڏهن 25 مارچ 1969ع تي يحيٰ خان اقتدار سنڀاليو ته ملڪ بدترين انتشار ۾ مبتلا هو. تقريبن ٻن سالن جو وقت گذري چڪو هو. جنهن ۾ امن امان نه هو. تعليمي ادارا بند هئا ۽ صنعتون معطل هيون. ايوب خان جڏهن مخالف ڌر سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي هئي ته گول ميز ڪانفرنس جو پهريون اجلاس ٿيو هو. جنهن ۾ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون کولڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. پر شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو. مزدورن ڪان

ويندي انجنيئرنگ ۾ ڊاڪٽرن تائين ڪو اهڙو پگهاردار طبقو نه هو جنهن پنهنجا اقتصادي مطالبا پيش نه ڪيا هجن. ان حوالي ڪان هڪ ڳالهه اهم آهي ته انهن ٻن سالن جي تحريڪ ۾ ڪوبه مذهبي مطالبو سامهون نه آيو. جيڪي به مطالبا سامهون آيا، اهي سيئي مطالبا معاشي يا سياسي هئا. يحيٰ خان مارشل لا جي باوجود امن امان بحال ڪرائڻ لاءِ ڪا سنجيده ڪوشش نه ڪئي، پر هن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪو طريقو اختيار ڪيو اُهو اهو هو ته هن اُهي سڀ مطالبا منظور ڪري ورتا، جيڪي ٻن سالن ۾ سامهون آيا هئا. مثال طور هن صوبي اولهه پاڪستان کي ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو پر نئون سرائيڪي صوبو قائم ڪرڻ جو واعدو پورو نه ڪيو ۽ رياست بهاولپور کي پنجاب جي هڪ ڊويزن ناهي ڇڏيو ۽ هن ون يونٽ ۾ ون ووٽ جو مطالبو مڃي ورتو ۽ 24 سالن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اوڀر پاڪستان جي عوام جي پنهنجي صوبي ۾ اڪثريت بحال ٿي. هنن کي آباديءَ جي بنياد تي نمائندگي نه ملڻ جي شڪايت تمام پراڻي هئي. بلوچستان کي جون 1970ع ۾ صوبي جو درجو ڏنو ويو. يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ يونينز بحال ڪيون ويون، جن تي ايوب خان جي دؤر ۾ پابندي لڳي هئي. پنجاب يونيورسٽيءَ جو معاملو مختلف هو. پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ يونين تي 1949ع ۾ پابندي لڳي هئي، ۽ اُها پابندي هلندي پئي آئي. ڪجهه عرصي لاءِ مارشل لا واري دؤر ۾ چونڊن ذريعي يونين بحال ڪرائڻ جو سلسلو شروع ٿيو هو پر اُهو به ختم ڪيو ويو. يحيٰ خان واري مارشل لا شاگردن يونينس بحال ڪري ڇڏيون. مزدور يونينس بحال ڪيون ۽ مزدورن کي هڙتال ڪرڻ جو حق ڏنو. هن اقتدار ۾ ايندي ئي عام چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو.

1970ع ۾ اليڪشن جو نتيجو اڪثر اخبارن ۽ سياسي مبصرن جي اُميدن ۽ حڪومت جي ڳُجهين ايجنسين جي اطلاعن جي اُبتڙ سامهون آيو. حڪومتي ڳُجهين ايجنسين اهو اطلاع ڏنو هو ته ڪابه جماعت اڪثريت حاصل نه ڪري سگهندي ۽ ان ڳالهه جا امڪان موجود آهن ته جماعت اسلامي، پي ڊي پي ۽ مسلم ليگ ملي حڪومت ناهي سگهنديون.

چونڊن جي نتيجن مطابق پيپلز پارٽيءَ کي 82 سيٽون مليون، جيڪي سڀ اولهه پاڪستان مان هيون. پ پ پ پنجاب ۾ 83 سيٽن تي چونڊ وڙهي هئي، جن مان هن 62 سيٽون کٽيون. سنڌ ۾ هن کي 18 سيٽون مليون ۽ هڪ NWFP ۾

ملي هئي. اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ فقط هڪ سيٽ هارائي هئي، جنهن تي نورالامين ڪٽي آيو هو ۽ هڪ سيٽ تي عوامي ليگ چونڊ نہ وڙهي هئي.

اليڪشن جو نتيجو ايندي ئي جنرل يحيٰ خان ڪي اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائڻ کان پوءِ اقتدار عوامي ليگ کي ڏيڻ کپندو هو. جنهن صدارتي حڪم LFO تحت اليڪشن ٿي هئي، اُن ۾ چيو ويو هو تہ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائڻ کانپوءِ 120 ڏينهن ۾ اسيمبليءَ کي نئون آئين ناهڻو آهي. جيڪڏهن اسيمبلي 120 ڏينهن ۾ نئون آئين ناهڻ ۾ ڪامياب نہ وئي تہ اسيمبلي پنهنجو پاڻ ٽُٽي ويندي، پر يحيٰ خان اقتدار چونڊيل اسيمبليءَ جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

7 مارچ 1971ع تي اوڀر پاڪستان ۾ احتجاجي مظاهرن جو سلسلو شروع ٿيو. انهن مظاهرن کي طاقت ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. حالتون اهڙيون ٿيون، جو ٽپالي، بسن جا ڊرائيور ۽ ننڍا ننڍا ڪلارڪ بہ اولهہ پاڪستان مان موڪلڻا پيا. اُتان جي حڪومت جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ اُن وقت اوڀر پاڪستان جي جماعت اسلامي فوج جو ساٿ ڏنو ۽ اُن جي شاگرد ونگ اسلامي جميعت طلباءِ ۽ اُن جي ڪارڪنن بہ تنظيمون ناهيون، جيڪي الشمس ۽ البدر جي نالن سان ڄاتيون سڃاتيون وڃن ٿيون. اُنهن کي پاڪستاني فوج تيار ڪيو هو ۽ سندن ڪم پاڪستاني فوج جي مدد ڪرڻ هو ۽ اُنهن کي اهو چيو ويو هو تہ فوج لاءِ اهو ممڪن ناهي تہ اُها سرحدن جي بہ حفاظت ڪري ۽ اندروني طور تي بہ پنهنجو دفاع ڪري سگهي. البدر ۽ الشمس پنهنجين اُنهن ڪارروايـن تي هڪ ڪتاب ڇپرايو آهي، جنهن کي پڙهيو ويندو تہ تمام وڏيون عبرتناڪ ڳالهيون ۽ واقعا سامهون ايندا تہ اُنهن ڪيئن پنهنجن هزارين دشمنن ۽ مخالفن کي وطن دشمن ۽ ڀارت جو ايجنٽ قرار ڏئي ماري ڇڏيو. جن ۾ يونيورسٽين جا اُهي پروفيسر، اديب، شاعر ۽ آرٽسٽ شامل هئا، جن جو تعلق عوامي ليگ سان هو. فوج بہ قتل ڪيا، الشمس ۽ البدر وارن بہ قتل ڪيا. اها جنگ ٽيرنهن ڏينهن تائين جاري رهي ۽ نيٺ هٿيار ڦٽا ڪرڻ کانپوءِ بنگلاديش وجود ۾ اچي ويو. جنهن فوج 1965ع ۾ سترنهن ڏينهن تائين پاڻ کان پنجوڻي وڏي فوج جو حملو روڪيو هو، اُها ٽيرنهن ڏينهن ۾ ئي اوڀر بنگال ۾ هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي. اُتي پاڪستاني فوج کي ڪاميابي نہ ملي سگهي. ان ۾ هندستان جو عمل دخل بہ هو، پر اصل سبب اوڀر پاڪستان جي عوام ۽ فوج جي وچ ۾ جنگ هئي.

ڊسمبر 1971ع ۾ پاڪستاني فوج ڍاڪا ۾ هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ يحيٰ خان ۽ فوجي قيادت، جيڪا 25 مارچ 1969ع کان مارشل لا ذريعي ملڪ تي حڪمراني ڪري رهي هئي، تنهن لاءِ وڌيڪ حڪمراني ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويو. پشاور ۾ يحيٰ خان جي ذاتي گهر کي عوام باهه ڏئي ڇڏي. راولپنڊيءَ ۾ وڏن فوجي آفيسرن تي ننڍن فوجي آفيسرن لعنتون وڌيون. ڪيترين ئي فوجي ڇانوڻين مان وڏن فوجي آفيسرن جا حڪم نه مڃڻ جا اطلاع به مليا. يحيٰ خان ۽ ان جي ساٿين ڇيو ته پهريان هڪ نئين آئين جو اعلان ڪري ڇڏين ۽ يحيٰ خان ايندڙ پنجن سالن تائين صدر رهي، پر پوءِ ان ئي قيادت اقتدار ذوالفقار علي ڀُٽي جي حوالي ڪري ڇڏيو. ذوالفقار علي ڀُٽي لاءِ خاص جهاز موڪلي ڪيس روم مان گهرايو ويو ۽ 20 ڊسمبر 1971ع تي ڪيس پاڪستان جو صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بڻايو ويو. ايئن اوچتو ئي اوچتو ڪيو ويو هو. ان جو نه پيپلز پارٽيءَ کي ۽ نه ئي ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڪو گمان هو ته اهڙي ڊرامائي نموني حڪومت جي تبديلي ٿي سگهي ٿي.

# انتظاميہ بمقابلہ عوامي حڪومت

پيپلز پارٽيءَ کي ڏاڍين ڏکين حالتن ۾ اقتدار مليو هو. پراڻو حڪمران طبقو نہ فقط ان عمل کان ناراض هو پر ان جو مخالف بہ هو. ان طبقي مان حمايت جي ڪابہ اُميد نہ هئي. ها، پر عوام تمام گهڻي تعداد ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي سان گڏ هو ۽ ڪجھ شهرن کانسواءِ پيپلز پارٽي غير منظم هئي. پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي عوام جي شڪايتن جي خبر تہ هئي، پر اُنهن شڪايتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري حڪومتي ڪارروائيءَ کان هي اڻواقف هئا. حڪومتي ڪارروائيءَ جو قانوني اختيار صرف حڪومت جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هو. هو ماڻهو پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي يلغار کان جلد تنگ ٿي پيا. جن پارٽي ڪارڪنن جي وزيرن ۽ مشيرن تائين رسائي هئي، اُهي پنهنجون شڪايتون ڪٺي آفيسرن کي غلط يا صحيح حڪم ڏيارائي پنهنجا ڪم ڪرائي وٺندا هئا. مطلب تہ ذوالفقار علي ڀُٽو ۽ حڪومت ۾ شامل سندس ساٿي عوام جي بي پناهہ حمايت جي باوجود تنها هئا. هنن وٽ حڪومتي سطح تي ڪارروائي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هو. غير منظم عوام جي حمايت اقتدار جي ٻين اميدوارن جي حوصلہ شڪنيءَ لاءِ تہ ڪافي هئي، پر گهٽي، پاڙي ۽ تعلقي جي ٽاٽي وغيره ۽ چند ٻين جڳهين کانسواءِ اثر انداز ٿيڻ جي قابل نہ هئي.

اهي ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ پوليس لاهور ۾ هڙتال ڪري ڇڏي ۽ پشاور ۽ سنڌ ۾ هڙتال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي. اهو هڪ انتهائي نازڪ موقعو هو ڇو تہ گل حسن جرنيل مدد ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو هو تہ "مون وٽ فوج واندي نہ آهي." پوءِ اها خبر ملي تہ سوئي گئس تي بگٽي قبيلو قبضو ڪرڻ وارو آهي.

فوج کان مدد لاءِ هيليڪاپٽر گهريو ويو تہ اُن هيليڪاپٽر ڏيڻ کان انڪار ڪيو. گورنر پنجاب پوليس ۽ پارٽي ورڪرن جو قافلو وٺي ڊيرا غازي خان کان ٽيندو وڃي اُتي پهتو ۽ ڪارروائي ڪئي. ذوالفقار علي ڀُٽو ايوب خان جي دؤر ۾ عوام جي جدوجهد کان پوريءَ طرح واقف هو. بحيثيت سنڌي بہ هن کي سنڌين جي محرومين ۽ شڪايتن جو احساس هو ۽ بلوچن جي شڪايتن جي بہ کيس خبر هئي. هن جي اڳيان سڀ کان وڏو مسئلو ملڪ کي آئين ڏيڻ جو هو. تمام گهڻي محنت ۽ جلديءَ ۾ هن هڪ عبوري آئين جو مسودو تيار ڪرايو جيڪو آئين ساز اسيمبليءَ مارشل لا مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اپريل 1972ع ۾ فوري طور تي قبول ڪيو.

مستقل آئين منظور ڪرائڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀُٽي جي خواهش هئي تہ سڄي آئين ساز اسيمبلي نئين آئين کي متفقہ طور تي منظور ڪري ۽ اهو ڪرڻ لاءِ هن سڀ کان وڏيڪ اهميت صوبي سرحد ۽ بلوچستان جي سياسي مطالبن کي ڏني. آڪٽوبر 1972ع ۾ نئين آئين جي بنيادي نُقطن تي اُنهن صوبن چونڊيل نمائنده پارٽيءَ "نيشنل عوامي پارٽيءَ" جي منظوري حاصل ڪري ورتي. ان سان گڏوگڏ سرحد ۽ بلوچستان ۾ NAP جون صوبائي حڪومتون ٺهي ويون. ڳُجهين ايجنسين بلوچستان جي مينگل ۽ مري قبيلن جي هٿياربند آزادي پسندن جي تيارين ۽ ڪارروائين جا اطلاع ڏئي ڇڏيا. انهن علائقن ۾ خاص طور تي مري قبيلي جي علائقي ۾ پاڪستاني حڪومت جو ڪو وجود ئي نہ هو. سرداري نظام جي روايتن تحت هو پنهنجي پنهنجي سردارن جي سربراهيءَ ۾ خودمختيار هئا.

پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت فوجي ڪارروائيءَ جو فيصلو ڪيو. اوپر پاڪستان کان پوءِ وڏي پئماني تي ٻي گهرو ويڙهہ شروع ٿي وئي، جيڪا جولاءِ 1973ع کان 1977ع تائين جاري رهي. غلط، صحيح اطلاعن جي آڌار حڪومت ڪيترين ئي فوجي ڊويزنون ميدان ۾ لاٿيون، جن جو مقابلو هڪ ئي وقت تقريبن هڪ هزار گوريلا جنگجو ڪري رهيا هئا. حڪومتِ پاڪستان کي فتح نصيب نہ ٿيڻي هئي، سا نہ ٿي. 1973ع ۾ آئين ساز اسيمبليءَ پاڪستان جي متفقہ آئين جي منظوري ڏئي ڇڏي. آمريڪا، سرمائيدارن، واپارين ۽ ٻين مفاد پرست طبقن جي مخالفت جي باوجود ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت ڇئن سالن ۾ پاڻ سنڀالي وئي. ايئن ٿو لڳي تہ مشڪلاتن کي ڏسندي هن فيصلو ڪيو تہ ڪاميابيءَ سان حڪومت هلائڻ لاءِ انتظاميہ کي اجا بہ وڏن وڏيرن کي گڏ کڻڻ ضروري آهي.

پنجن سالن جي عرصي ۾ هن جي پارٽي ۾ حڪومت جو ڪردار بدلجي ويو. پارٽيءَ جي معاملن ۾ انتظاميہ جا آفيسر دخل ڏيڻ لڳا. 1977ع ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي اليڪشن جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ پاڪستان ۾ ڦهريون ڀيرو سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقي جي وچ ۾ کُليل جنگ شروع ٿي وئي. سرمائيدارن وٽ جيئن تہ پنهنجي طبقي جي ڪا ليڊرشپ نہ هئي، ان ڪري هنن مذهب جو نالو استعمال ڪندڙ ساڄي ڌر جي جماعتن جي قيادت جو سهارو ورتو. سندن مقابلي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو هن جا جاگيردار ساٿاري، وزيراعلي، پوليس ۽ انٽيليجنس جا وڏا آفيسر هئا. ڀُٽي سان مزدور، هاري، هيٺين طبقي جان تعلق رکندڙ ماڻهو غريب عوام ۽ پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن بہ گڏ هئا. ان هوندي بہ تہ ذوالفقار علي ڀُٽي ايندڙ پنجن سالن لاءِ حڪومت ڪرڻ جي حڪمت عملي اهڙيءَ طرح واضح ڪري ڇڏي هئي تہ پاڪستان ۾ شايد ئي ڪو وڏو زميندار ۽ وڏو خاندان هو جيڪو پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ کان محروم رهيو هجي.

7 مارچ 1977ع تي جڏهن اليڪشن جا نتيجا سامهون آيا تہ ذوالفقار علي ڀُٽي کي ايڏي وڏي ڪاميابي ملي، جو هو پاڻ بہ حيران ٿي ويو. هن کي تہ ڳُجهين ايجنسين ڏيجاري ڇڏيو هو تہ هن سان تمام گهٽ ماڻهو گڏ آهن. کيس تمام معمولي ڪاميابي ملندي ان ڪري حڪومت اپوزيشن جي ڪيترن ئي ليڊرن کي ڌانڌليءَ ذريعي هارائڻ جو انتظام بہ ڪيو هو. اهڙن نتيجن جي حڪومت کي بلڪل بہ توقع ئي نہ هئي ۽ نہ ئي پاڪستان جي سرمائيدار ۽ وچين طبقي کي هئي. 1977ع جي اليڪشن جي نتيجي کي سرمائيدار طبقي پنهنجو موت سمجهيو ۽ هو پنهنجي مٿي سان ڪفن ٻڌي حڪومت سان جنگ ڪرڻ لاءِ روڊن تي نڪري آيا.

ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڪو سبب نظر نہ آيو تہ هو اليڪشن جي نتيجن کي ڪالعدم قرار ڏئي. مارچ، اپريل ۽ مئي جا مهينا احتجاج جي خلاف ڪارروائين ۾ گذري ويا. هزارين ماڻهن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. مخالف ڌر کي جڏهن پنهنجي ڪاميابي نظر نہ آئي تہ هو بہ ڳالهين لاءِ راضي ٿيا، پر انهيءَ وقت تائين فوجي قيادت جي نيت بدلجي چڪي هئي. حڪومت ۽ مخالف ڌر جي وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون، صرف اعلان رهيل هو تہ فوجي قيادت سمجهي ورتو تہ هن دفعي جيڪڏهن ڀٽو ڪٽي آيو تہ پاڪستان تي فوج جي قائم ٿيل ٽيهن سالن جي بالادستي ختم ٿي ويندي. ملٽري هارائي ويندي ۽ سِول انتظاميہ سوپاري ٿي ويندي ۽ ايوب خان ۽ يحيٰ خان جون سموريون ڪوششون رائيگان ٿي وينديون.

# اسلامي انتظاميہ بمقابلہ عوام

5 جولاءِ 1977ع تي فوجي جنرل ضياءُ الحق مارشل لڳائي ڇڏي. هن 90 ڏينهن ۾ اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن تي هر قسم جو تشدد ڪيو ويو. پر 80 ڏينهن کان اڳ ئي جڏهن کين يقين ٿي ويو ته جيڪڏهن اليڪشن ڪرائي وئي ته پتو پيهر کٽي ايندو. ان ڪري هو اليڪشن جي واعدي کان ڦري ويا. ذوالفقار علي ڀُٽي تي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ ويو. چئن پنجابي ججن ڀُٽي جي خلاف فيصلو ڏنو ۽ ٽن غير پنجابي ججن ڀُٽي کي بري ڪري ڇڏيو. 4 اپريل 1979ع تي ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڦاهيءَ جي تخت تي چاڙهي ڇڏيائون. اهڙيءَ ريت 1971ع کانپوءِ پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ٻيو وڏو ڪارو باب رقم ٿيو.

پاڪستان جي تاريخ جي هيءَ ٽين مارشل اُن ڪري بہ وڏيڪ اهميت رکي ٿي، جو ان مارشل لا دوران ملڪ ۾ اهڙيون تبديليون آيون، جن پاڪستان جي سياست ۽ پاڪستان ۾ حڪومت ڪرڻ جي طريقڪار ۾ تمام وڏيون تبديليون پيدا ڪيون، جن جا اثر اڄ تائين محسوس ڪيا پيا وڃن. ضياءُ الحق جي پهرين ترجيح پ پ پ ۽ ان جي اثر رسوخ کي ختم ڪرڻ هئي. ٻي ترجيح ۾ هن سماج کي اسلام جي سانچي ۾ وجهڻ جو اعلان ڪيو. ٽيون ڪم جيڪو هن پنهنجي ذمي ڪنيو، اُهو ملڪ کي بدعنوانيءَ کان پاڪ ڪرڻ هو. جيڪو هن جي اسلامائيزيشن جي پروگرام جو حصو هو. پ پ پ کي ختم ڪرڻ لاءِ هن بہ طريقا استعمال ڪيا. پهرين هنن اها پروپيگنڊا شروع ڪئي وئي ته پ پ پ هڪ متعصب سنڌي جماعت آهي، ۽ ٻيو اُن مقصد تحت هنن سنڌ ۾ پ پ پ کي نيچو

ڏيکارڻ لاءِ ايم ڪيو ايم ناهي. اهڙا ڪيترائي ثبوت موجود آهن، جن مان خبر پوي ٿي ته اهو ڪم ايجنسين ئي ڪيو.

ضياءَ آئين کي مسخ ڪرڻ ڪانسواءِ سياسي ڪارڪنن کي ڪوڙا هنيا، ڦاهيون ڏنيون، جيل موڪليو، تشدد ڪرڻ لاءِ قلعن ۾ موڪليو وغيره ۽ هن جيڪا اسلام جي تشريح پيش ڪئي، اُن سان پاڪستان جي سياست ۽ پاڪستاني معاشري کي تمام گهڻو نقصان پهتو. عورتن جي خلاف هن جيڪا پاليسي اختيار ڪئي، اُن پاڪستاني معاشري کي ڪيترائي سال پُٺتي ڌِڪي ڇڏيو. هن بطور مارشل لا ايڊمنسٽريٽر آئين ۾ تبديليون ڪري ان کي غير آئيني اسيمبليءَ مان منظور ڪرايو.

هن گڏيل چونڊ سرشتو ختم ڪري ڌار چونڊ سرشتي جو بنياد وڌو، جنهن تي مذهبي اقليتن شديد اعتراض ڪيو. هن اسلام جي نالي ۾ عورتن جي حقن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ عورتن کي بحيثيت گواهه اڌ انسان قرار ڏئي ڇڏيو. ضياءُ الحق جي پاليسين سان جيڪو وڏو نقصان پاڪستان کي پهتو، اُهو فرقيواريت جو هو. فرقيواريت جي حوالي کان سڀ کان پهريون مظاهرو اُن وقت ٿيو جڏهن هن بئنڪن مان زڪوات ڪٽڻ جو اعلان ڪيو ۽ زبردستي زڪوات نافذ ڪئي وئي، جنهن کي شيعن مڃڻ کان انڪار ڪندي چيو ته اسان ان کي جائز نه سمجهندا آهيون. پنهنجي ان مطالبي لاءِ هنن کي اسلام آباد ۾ مظاهرو ڪرڻو پيو ۽ هو پنهنجو موقف مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ان سان اهو ٿيو ته مختلف فرقن ۽ عقيدن رکڻ وارن پنهنجون پنهنجون تنظيمون جوڙي ورتيون ۽ اُنهن ۾ اهي به شامل هئا، جيڪي کُلي عام هٿيارن جي نمائش ڪرڻ ۽ اُنهن کي استعمال ڪرڻ ۾ يقين رکندا هئا. گذريل ٽيهن سالن ۾ هزارين ماڻهو فرقيواراڻي فسادن ۾ مري چڪا آهن ۽ هاڻي ته نوبت اتي اچي پهتي آهي، جو ماڻهن کي مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ عبادت ڪرڻ يا مجلس ۾ وڃڻ لاءِ به پوليس يا ڪمانڊو جي پهري جي ضرورت هجي ٿي. 1986ع جي شروعات ۾ صدر جنرل ضياءُ الحق جيڪو پاڪستاني فوج جو سربراهه به هو، اُن جي سويلين وزيراعظم محمد خان جوڻيجي وچ ۾ اختلاف واضح ٿيڻ شروع ٿي ويا. چيو وڃي ٿو ته اختلافن جو وڏو سبب افغانستان متعلق پاليسي هئي. تقريبن نَون سالن تائين آمريڪا ان مقصد جي حاصلات لاءِ پاڪستان جي ڊڪٽيٽر جو ڀرپور ساٿ ڏنو هو. اربين ڊالرن جو اصلحو آءِ ايس آءِ جي تعاون سان افغانستان پهچايو ۽ پاڪستان ۾ اسٽور ڪيو ويو، پر پوءِ آمريڪا

جي مؤقف ۾ تبديلي اچي وئي ۽ آمريڪا اقوام متحده ذريعي افغانستان ۾ امن جي قيام لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. وزيراعظم جوڻيجو بہ اقوام متحده جي امن منصوبي جو حامي ٿي ويو هو ۽ هن پاڪستان جي سياسي ڌرين جي حمايت بہ هڪ ڪانفرنس گهرائي حاصل ڪري ورتي هئي. جڏهن وزيراعظم ۽ صدر وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي تہ پرڏيهي وزير آغا شاهي بہ حڪومت جي بحران ۾ ڦاٿل ٻيڙيءَ مان ٽپو ڏئي نجات حاصل ڪئي. ڇو تہ هو ضياءُ الحق جو نمائندو هو ۽ ضياءُ الحق جي نہ پئي هلي. افغانستان جي باري ۾ پاليسيءَ ڪانسواءِ ملڪ ۾ امن ۽ معيشت جا بحران بہ زور وٺي چڪا هئا. حڪومت هلائڻ ۾ مشڪلاتون وڌي ويون هيون. بندوق بردار دهشتگرد ۽ منشيات فروش وڏن شهرن ۾ سرعام گهمي ڦري رهيا هئا. ڪراچيءَ ۾ وڏي پئماني تي هيروئن ۽ منشيات جي وڪري جا اڏا قائم ٿي چڪا هئا. اخباري رپورٽن مطابق بہ لک ماڻهو نشئي بڻجي چڪا هئا. جنوريءَ جي مهيني ۾ سوين افغاني ۽ پاڪستاني دهشتگرد گرفتار ڪيا ويا. ڪيترن ئي شهرن ۾ بم ڌماڪا ٿي رهيا هئا. اپريل جي مهيني ۾ راولپنڊيءَ جي هڪ فوجي اسٽور ۾ اُپ ڏاريندڙ ڌماڪن جو سلسلو شروع ٿي ويو. افغانستان جي جنگ ۽ پاڪستان جي دفاع واري اصلحي جو ذخيرو ڦاٽي پيو. اندازن ست ارب روپين جو اصلحو سڙي رک ٿي ويو. ويهہ هزار گولا ذخيري مان نڪري هر طرف وَسيا. 21 اپريل تي جوڻيجو حڪومت پاڪستان طرفان افغانستان ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ جنيوا معاهدي تي صحيح ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح صدر ضياءُ الحق ۽ وزيراعظم جوڻيجي وچ ۾ اختلاف چوٽ چڙهي ويا. 1988ع تي هر مارشل لا سان تعاون ڪندڙ ۽ فوج جي پسنديده ترين ۽ شريف النفس وڏيري محمد خان جوڻيجي کي جنرل ضياءُ الحق برطرف ڪري ڇڏيو. قومي اسيمبلي بہ ختم ڪئي وئي ۽ 90 ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو.

# سِول حڪومت بمقابلہ فوجي اقتدار

17 آگسٽ 1988ع تي 3 لڳي 46 منٽن تي صدرِ پاڪستان جنرل ضياءُ الحق جو هوائي جهاز بهاولپور کان اسلام آباد لاءِ روانو ٿيو. موسم صاف هئي، پنجن ميلن تائين سڀ ڪجهہ نظر اچي رهيو هو. جهاز روانو ٿي ٿيو تہ لُڏڻ لڳو. هڪ دفعو هن جو رخ زمين طرف ٿيو ۽ پوءِ ان جو منهن هڪدم آسمان ڏانهن ٿيو. جهاز ڪجهہ بلنديءَ تي پهتو ۽ پوءِ جلد ئي ان ٽُٻي هڻي 3 لڳي 51 منٽن تي اچي زمين سان ٽڪرائجي ويو. تيل سان ڀريل ٽئنڪ ڦاٽي پيا. باهہ جي شعلن سڀ ڪجهہ پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. رات تائين باهہ ٻرندي رهي. سڀ ڪجهہ سڙي ڀسم ٿي ويو. آمريڪي سفير، جنرل ضياءُ الحق ۽ اُن جي ويجهي ترين جنرل سميت ايڪٽيهہ ماڻهو سڙي مري ويا. ۽ اهڙيءَ طرح جنرل ضياءُ الحق جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. جنرل ضياءُ الحق جي جهاز جي تباهيءَ سان گڏوگڏ پاڪستاني فوج جي ڊپٽي چيف آف اسٽاف جنرل مرزا اسلم بيگ پاڪستان جي حڪومت جون واڳون سنڀالي ورتيون.

راولپنڊي پهچڻ تي جنرل اسلم بيگ سينيٽ جي چيئرمين غلام اسحاق خان کي فوج جي جنرل هيڊ ڪوارٽر گهرايو ۽ کيس پاڪستان جي آرٽيڪل نمبر 49 مطابق صدرِ پاڪستان جو عهدو سنڀالڻ لاءِ چيو. غلام اسحاق خان هڪ ڊگهو عرصو سينيئر ترين سِول آفيسر رهي چڪو هو. هن کي خبر هئي تہ پاڪستان ۾ اعليٰ اقتدار جو ڌڻي ڪير هوندو آهي. هن کي آئين جي آرٽيڪل جي بہ خاص ڄاڻ نہ هئي. شايد ان ڪري ئي هن جنرل اسلم بيگ کي چيو ۽ جيڪو هُن راقم الحروف کي بہ ٻڌايو هو تہ کيس صدر ٿيڻ جو ڪو شوق ناهي ۽

جنرل چاهي تہ مارشل لا لڳائي سگهي ٿو پر جنرل اسلم بيگ ڪيس چيو تہ هو صدارت سنڀالي، جي ايچ ڪيو مان موڪلائڻ وقت هن نئين صدر جي ڪار جو دروازو کولي هن کي ويهاري دروازو بند ڪيو ۽ سليوٽ هڻي نئين صدر جي حيثيت سان روانو ڪيو.

شام جي وقت جنرل اسلم بيگ ڪابينا جو اجلاس گهرائي ورتو. گورنرن، هوائي ۽ سامونڊي فوج جي سربراهن کان سواءِ فوج جي ڪجهہ اعليٰ آفيسرن کي بہ اجلاس ۾ شريڪ ڪيو ويو. پاڪستان ۾ نين چونڊن جو اعلان ڪيو ويو ۽ اهو بہ فيصلو ڪيو ويو تہ چونڊن کانپوءِ نئين حڪومت ٺهڻ تائين هوائي ۽ سامونڊي فوج جا سربراهہ ڪابينا جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندا رهندا. جنرل ضياءُ الحق تہ هليو ويو پر پاڪستان جي فوج جي نئين حڪمرانِ اعليٰ جنرل اسلم بيگ اعلان ڪيو تہ جنرل ضياءُ الحق جيڪا مشعل ٻاري هئي، هو ان کي کڻي هلندا رهندا ۽ مرحوم جي مشن کي منزل تائين پهچائيندا.

صدر غلام اسحاق خان ۽ چيف آف آرمي اسٽاف مرزا اسلم بيگ صحيح اندازو لڳايو تہ اليڪشن ۾ گهڻيون سيٽون حاصل ڪندڙ بينظير ڀٽو اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ بيچين آهي ۽ ڪانئس اقتدار جي خاطر شرطون مڃرائي سگهجن ٿيون. بينظير ڀٽو جي مخلص ساٿين کيس صلاح ڏني تہ هوءَ صبر ڪري ۽ لاڙڪاڻي ويٺي رهي، ڇو تہ صدرِ پاڪستان کي وزيراعظم نامزد ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ آهي، پر هوءَ صبر نہ ڪري سگهي ۽ ڀهريان ڪراچي ۽ پوءِ اسلام آباد پهچي وئي، جتي هن پنهنجي انتهائي ويجهن ساٿين فاروق لغاري، رائو رشيد، جهانگير بدر ۽ اعتزاز احسن کي نظرانداز ڪري آمريڪا ذريعي فوج سان معاملا طئي ڪرڻ شروع ڪيا. اسلام آباد پهچي بينظير ڀٽو غلام اسحاق خان سان ڪلاڪن تائين ۽ انهيءَ رات جنرل اسلم بيگ سان دير تائين ملاقات ڪئي. بينظير ڀٽو سِول ۽ فوجي آفيسر شاهيءَ جا سڀ شرط جيئن جو تيئن قبول ڪري ورتا. سِول آفيسر شاهيءَ جي انتهائي پسنديده نمائندي غلام اسحاق خان، جيڪو جنرل ضياءَ واري حڪومت جو ناڻي وارو وزير رهي چڪو هو، جنهن کان عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف پنهنجي بين الاقوامي ڪميٽين جي صدارت بہ ڪرائيندي رهي هئي، ۽ جنهن کي 18 آگسٽ تي هڪ جنرل مرزا اسلم بيگ صدر بڻايو هو، بينظير ڀٽو ان کي پاڪستان جو نئون صدر چونڊرائڻ جي ذميواري قبول ڪري ورتي. رٽائرڊ فوجي جنرل يعقوب خان، جيڪو ضياءُ الحق واري حڪومت جو

پرڏيهي وزير بہ رهي چڪو هو ان کي پنهنجي حڪومت جو پرڏيهي وزير بڻائڻ قبول ڪيو. معاشي پاليسين جو فيصلو صدر غلام اسحاق خان ۽ ناٽي وارو وزير محبوب الحق عبوري حڪومت جي تحت عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جا شرط مڃي پهريان ئي قبول ڪري چڪا هئا. ان تي عمل ڪرڻ لاءِ وسيم عون جعفريءَ کي ناٽي واري وزارت جي صلاحڪار طور بہ مقرر ڪيو ويو ۽ بينظير پڻ افغانستان فتح ڪرڻ واري پاليسي جاري رکڻ لاءِ بہ اتفاق ڪيو. بينظير پڻ اهو بہ تسليم ڪيو تہ پاڪستان جي نيوڪليئر پاليسي غلام اسحاق خان ۽ فوج جي مرضيءَ مطابق هلائي ويندي. ان کان سواءِ بينظير اهو بہ منظور ڪيو تہ بحيثيت وزيراعظم هوءَ فوج جي اندروني ڊسيپلين، ترقين ۽ بدلين وچ ۾ بہ دخل نہ ڏيندي. مختصر طور تي مطلب تہ بينظير فوجي قيادت پاران ٺاهيل پاليسيءَ جي منظوري ڏني ۽ پاڪستان جي عوام جي اليڪشن ذريعي ضياءَ مخالف فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو. ضياءَ مري ويو پر ضياءَ جون پاليسيون ۽ ضياءَ جا ماڻهو باقي رهيا. وزيراعظم بينظير پنهنجي مرحوم پيءُ جي پاليسي رد ڪرڻ ۾ ڪا دير نہ ڪئي. 1977ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جن زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو هو ۽ جن کي ضياءُ الحق ملتوي ڪري ڇڏيو هو نہ صرف بينظير ان قانون تي عمل نہ ڪرائي سگهي، پر سندس حڪومت جي وزير رائو سڪندر جنوري 1989ع ۾ ئي اعلان ڪري ڇڏيو تہ انهن جي حڪومت ڪي بہ زرعي سڌارا نہ آڻيندي. آگسٽ ۾ بينظير صنعتن جي نجڪاريءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جي ٻنهي ٿنڀن کي ڪيرائي ڇڏيائين.

بينظير جي نالي سان هلائي ويندڙ حڪومت نہ هلي سگهي. حالتون نہ وفاقي حڪومت جي قابو ۾ هيون ۽ نہ ئي صوبائي حڪومتن جي قابو ۾. سنڌ جون حالتون خراب هيون. رڳو ڪراچيءَ ۾ جنوريءَ ۾ 39، فيبروريءَ ۾ 19، مارچ ۾ 26، اپريل ۾ 51، جون ۾ 55 ڌاڙن ۽ قتل جون خوفناڪ وارداتون ٿيون. ٻوناٽن علائقن ۾ بہ اهڙا واقعا عروج تي هئا. حيدرآباد ۾ ڪرفيو لڳايو ويو. پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ بہ زبردست ڇڪتاڻ هئي. جون 1990ع ۾ وزير اعليٰ پنجاب وزيراعظم جي استعيفا جو مطالبو ڪري ڇڏيو ۽ وفاق جي خلاف تحريڪ هلائڻ جي ڌمڪي ڏني. بينظير جي حڪومت چاهيو تہ امن قائم ڪرڻ لاءِ فوج کي حڪم ڏنو وڃي، جنهن جي جواب ۾ چيف آف آرمي اسٽاف مطالبو ڪيو تہ فوج کي امن قائم ڪرڻ لاءِ خاص

اختيار ڏنا وڃن. مرڪزي حڪومت 30 جولاءِ تي ان مطالبي کي اهو چئي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ فوج کي عدالتون معطل ڪرڻ جو اختيار نٿو ڏئي سگهجي.

6 آگسٽ 1990ع تي صدر غلام اسحاق خان اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيون. بينظير حڪومت برطرف ڪئي وئي ۽ عبوري حڪومت ٺاهي 24 آڪٽوبر تي نين چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو. آفيسر شاهيءَ هڪ ڀيرو وري پنهنجي اقتدارِ اعليٰ هجڻ جو مظاهرو ڪيو.

صدر غلام اسحاق خان ۽ جنرل مرزا اسلم بيگ پنهنجا سڀ شرط مڃرائڻ کانپوءِ بينظير کي وزيراعظم بڻايو هو. هن کي پنهنجي من پسند ٽيم ڏني وئي هئي، پر ڳالهہ نہ ٺهي. ان ئي صدر ۽ فوج جي سربراهہ بينظير حڪومت کي برطرف ڪري ڇڏيو. ان جو سبب اهو نہ هو تہ غلام اسحاق خان، بينظير ۽ مرزا اسلم بيگ جا لاڳاپا ذاتي سببن جي ڪري خراب هئا.

نوازشريف وزيراعظم ٿي ويو. سنڌ ۾ ڄام صادق علي، سرحد ۾ مير افضل ۽ پنجاب ۾ غلام حيدر وائين کي وزير اعليٰ بڻايو ويو. غلام اسحاق خان صدر برقرار رهيو. نيون حڪومتون بہ ٺهنديون ويون پر آفيسر شاهي، فوج ۽ ڳُجهين ايجنسين جو راڄ جاري رهيو. هن دفعي حڪمرانن هڪ چونڊيل حڪومت جي آڙ ۾ حڪمراني ڪرڻ لاءِ هڪ نئون گهوڙو چونڊيو هو. ميان محمد نواز شريف ڪنهن ڊگهي سياسي عمل جي نتيجي ۾ پاڪستان جو وزيراعظم نہ ٿيو هو هن جو پيءُ محترم ميان محمد شريف آفيسرن کي رام رام ڪرڻ جو وڏو ماهر هو. اڳوڻي سربراهہ آءِ ايس آءِ، ضياءُ الحق جي ٺاهيل پنجاب جي گورنر ۽ مارشل لا جي آفيسر جنرل غلام جيلانيءَ ميان صاحب جي فرزند ارجمند نوازشريف کي پنجاب جي صوبائي حڪومت ۾ ناڻي جو صلاحڪار نامزد ڪيو هو. شريف خاندان جي سياسي اثر رسوخ سبب سندن ڪاروبار ۾ ڏينهن ٻيڻي ۽ رات ٽيڻي ترقي ٿي. پنهنجي هڪ دوست سان شڪايت ڪندي نوازشريف فرمايو هو تہ رشوتون ڏئي ڏئي اسان جو ڏيوالو نڪرندو ٿو وڃي، پر ان جي عيوض اسان کي فيڪٽريون قائم ڪرڻ جا اجازتناما ئي ملي رهيا آهن. 1988ع ۾ نواز شريف کي وزير اعليٰ پنجاب جو منصب عطا ڪيو ويو. ڪيس مسلم ليگ جي ڪرسي ڏياري وئي ۽ ڳُجهين ايجنسين هن کي ٻين جماعتن سان سياسي اتحاد ڪرايا. سياسي جواز جي لاءِ 1990ع جون چونڊون ڪرايون ۽ پاڪستان جي وزارت اعظميٰ سونپي.

حالتون ٺيڪ نہ ٿيڻيون هيون، سي نہ ٿيون. سنڌ ۾ وڏي پئماني تي سياسي ۽ سماجي بدامني شروع ٿي وئي. سنڌ جي وڏي وزير ڄام صادق علي ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪيو ۽ بينظير جي پارٽيءَ خلاف ڪارروائي شروع ڪئي. جنوريءَ جي شروعات ۾ صوبائي اسيمبلين ۾ مخالف ڌر جي چيف وهپ غلام محمد وساڻ کي اغوا ڪيو ويو، جنهن جي ڪري وڏا هنگاما ٿيا. حيدرآباد ۾ گوليون هليون ۽ اڻ ڳڻيا ماڻهو قتل ڪيا ويا.

ڪجھ مهينا بہ نہ گذريا هئا تہ فوج تي سياسي نوعيت جا الزام لڳڻ شروع ٿيا. فيبروري 91ع ۾ نوابزاده نصراللہ خان مطالبو ڪيو تہ جنرل اسلم بيگ کي رٽائرڊ ڪيو وڃي، نہ تہ حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندا سين. آزاد ڪشمير جي حڪمران سردار عبدالقيوم خان آءِ ايس آءِ تي الزام هنيو تہ اها راڻوڙ صاحب جي مدد ڪرڻ ۾ مصروف آهي. مارچ ۾ نج سرڪاري ماڻهو صاحبزاده يعقوب استعيفا ڏئي ڇڏي، مولانا عبدالستار نيازي بہ وزارت مان رخصت ٿيو. يعني ڪمزور نظر ايندڙ حڪومت مان فرار ٿيا. جنرل اسلم بيگ جي مارشل لا لڳائڻ جون افواهہ عام ٿي ويا. 20 مئي تي صدر غلام اسحاق خان کي اهو بيان ڏيڻ جي ضرورت پيش پئي تہ مارشل نہ پئي لڳي. ماضيءَ جي روايتن کان هٽي مقرريءَ جي تاريخ کان بہ مهينا پهرين 11 جون تي حڪومت اعلان ڪري ڇڏيو تہ جنرل آصف نواز جنجواهہ نئون چيف آف آرمي اسٽاف هوندو. 25 جولاءِ تي مشهور ڪالم نگار عزيز صديقيءَ لکيو تہ ” انتظاميہ جتي چاهي ٿي قانون کان مٿانهين ٿي ڪارروائي ڪري ٿي. دهشتگردي، ڌاڙن ۽ اغوا جا الزام هڻي ماڻهن کي پوليس مقابلي ۾ ڌڙاڌڙ قتل ڪري ٿي، ڪنهن کي بہ نٿو ڇڏيو وڃي. دهشت جي حڪومت قائم ڪئي وئي آهي. بينظير، اصغر خان، ملڪ قاسم، ساجد نقوي ۽ اڇڪزئيءَ ڪانسواءِ قومي اسيمبليءَ جي ٻين ميمبرن بہ ملڪي حالتن خلاف احتجاج ڪيا. نوابزاده نصراللہ خان، حفيظ پيرزادي ۽ مصطفيٰ کر ڪانسواءِ سٽن سياسي پارٽين اسيمبليون برطرف ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. 18 آگسٽ تي جنرل اسلم بيگ جي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ جنرل آصف نواز فوج جو نئون سربراهہ ٿي ويو.

پاڪستان جي فوج جي ڪمانڊر جي مقابلي ۾ وزيراعظم جي ڪهڙي حيثيت هئي! هڪ شام وزيراعظم پاڪستان ميان محمد نواز شريف ۽ ان جي والد محترم لاهور ۾ پاڪستاني فوج جي سربراهہ جنرل آصف نواز جي دعوت ڪئي، جنهن ۾ شهر ۽ حڪومت جا انتهائي معتبر ماڻهو گهرايا ويا. جنرل نواز ۽

ميان شريف جي گفتگوءَ دوران ميان صاحب پنهنجي پٽن نواز ۽ شهباز کي گهرايو ۽ جنرل صاحب کي چيو تہ هو ٻنهي کي جنرل صاحب جي حوالي ٿو ڪري ۽ جنرل صاحب ڪين جيڪا هدايت ڪندو، هو ان تي عمل ڪندا. دعوت جي پڄاڻيءَ کان پهرين وزيراعظم پنهنجي ملٽري سيڪريٽريءَ کي جنرل صاحب ڏانهن موڪليو ۽ چيو تہ ڊنر کان پوءِ ڪجهہ دير ترسي پوي، پر جنرل صاحب ملٽري سيڪريٽريءَ کي جواب ڏنو تہ هن وٽ وقت ناهي. ملٽري سيڪريٽري جنرل صاحب جي جواب جو صدمو گهٽ ڪندي وزيراعظم کي چيو تہ جنرل صاحب فرمايو آهي تہ هن جي گهر واريءَ جي طبيعت ٺيڪ نہ آهي، ان ڪري هو نہ ٿو ترسي سگهي. دروازي تي جڏهن جنرل صاحب روانو ٿي رهيو هو تہ وزيراعظم اُميد ظاهر ڪئي تہ بيگم صاحبہ جي طبيعت جلد ٺيڪ ٿي ويندي. جنرل صاحب جواب ڏنو تہ بيگم صاحبہ تہ بلڪل ٺيڪ آهي. هن ملٽري سيڪريٽريءَ کي چيو هو تہ هن وٽ وقت نہ آهي.

18 اپريل 1993ع تي پاڪستانين کي خبر پئي تہ صدرِ پاڪستان غلام اسحاق خان جي حڪم سان وزيراعظم نواز شريف جي حڪومت ۽ قومي اسيمبلي ٽوڙي وئي آهي. وزيراعظم ۽ ٻين وزيرن جي آفيسن ۽ پارليامينٽ جي بلڊنگ جي سامهون سپاهي مقرر ڪيا ويا آهن.

نواز شريف هار نہ مڃي، هن جو ڪيس بہ مضبوط هو ۽ هن کي اهو بہ نظر اچي رهيو هو تہ ملڪ جي سپريم ڪورٽ جا جج تہ هن جي مهربان جنرل ضياءُ الحق جا ئي مقرر ڪيل آهن ۽ هو ڪانئن ڪنهن بہ ناانصافيءَ جي اميد نہ پئي ڪري سگهيو. نوازشريف برطرفيءَ جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ۽ عدالت ڪيس کي ٻُڌڻ ۾ ڪا دير نہ ڪئي. 26 مئي تي فيصلو نواز شريف جي حق ۾ آيو ۽ هو ٻيهر وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

## بينظير جي ٻيهر واپسي

ٻہ مهينا بہ نہ گذريا تہ 18 جولاءِ تي هيءَ حيرت انگيز خبر سامهون آئي تہ صدر غلام اسحاق خان ۽ وزيراعظم نواز شريف مستعفي ٿي ويا آهن ۽ آءِ ايم ايف جو اڳوڻو نائب صدر معين قريشي پاڪستان جو وزيراعظم ٿي ويو آهي. 19 آڪٽوبر 1993ع تي بينظير ٻئو ٻيهر وزارت اعظميٰ جو حلف کنيو. جنهن کان هڪدم پوءِ فاروق احمد لغاريءَ کي صدر چونڊيو ويو پر ٻئي ڀيري بہ انتظاميہ ۽ سِول وزيراعظم واري پارٽنرشپ نہ هلي سگهي. وڏيڪ طاقت رکندڙ پارٽنر ٻئي کي

برداشت نہ ڪندو هو. انتظاميہ ۽ صدر لغاري بينظير حڪومت ٻئي ڀيري بہ ختم ڪري ڇڏي.

## نوازشريف جي ٻيهر واپسي

3 فيبروري 1997ع تي عام چونڊن جي نتيجي جو اعلان ٿيو جنهن ۾ نواز شريف ۽ ان جي پارٽي ڀاري اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. پنهنجن منصوبن تي عمل ڪرائڻ لاءِ وزيراعظم 2 مئي تي آئين ۾ ترميم ڪري پاڪستان جي صدر کان قومي اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ جو اختيار کسي ورتو. اسيمبلين جي مٿان جيڪا صدر ۽ گورنر جي تلوار هميشہ کان لٽڪي رهي هئي، اُن کي آئيني ترميم کانپوءِ هٽائي، وزيراعظم پنهنجي خيال موجب جڻ پنهنجي ڪرسي پنجن سالن لاءِ محفوظ ڪري ڇڏي هئي. پنهنجو پاڻ ۾ پورو اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ وزيراعظم نواز شريف عدليہ سان بہ جهيڙو ڪري ورتو جنهن ۾ قومي اسيمبلي ۽ صدر فاروق لغاري بہ ملوث ٿي ويا. اهو جهيڙو هڪ نہ هڪ ڏينهن ٿيڻو هو. پاڪستان جي تاريخ ۾ عدليہ هميشہ انتظاميہ جو ساٿ ڏنو هو وزيراعظمن جو نہ. پر 1997ع جي آخر ۾ ججن جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيا. ڪجهہ جج صاحبن انتظاميہ وارو مؤقف اختيار ڪيو تہ ڪن وري وزيراعظم نواز شريف ۽ قومي اسيمبليءَ جو ساٿ ڏنو. ان جهيڙي ۾ ٻنهي پاسن کان سخت زبان استعمال ٿيڻ لڳي. 4 جولاءِ تي سپريم ڪورٽ حڪومت پاران عدالت جي باري ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي سخت اعتراض ڪيا. صدر لغاري ان سلسلي ۾ اختلاف ختم ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪيون، اُهي سڀ رائيگان ٿي ويون ۽ نواز شريف جي حڪومت هن جي بہ خلاف ٿي وئي. جهيڙو تمام گهڻو وڌي ويو هو. حڪومت نوان قانون ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ ججن اُهي قانون رد ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. هڪ ڏينهن مسلم ليگ جي جيالن سُپريم ڪورٽ تي حملو ڪري ڏنو. نعري بازين ۽ ڌمڪين جي ڪري ججن کي پنهنجون ڪرسيون ڇڏڻيون پيون. ججن جي اڪثريت چيف جسٽس جي مقرري ناجائز قرار ڏئي ڇڏي، صدر لغاري بہ استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ چيف جسٽس سجاد علي شاهہ گهر ويهي رهيو. ان کان پوءِ نواز شريف هڪ مثالي ڪارروائي ڪئي. پاڪستان فوج جي سربراهہ جنرل جهانگير ڪرامت لاهور ۾ بحريہ ڪاليج ۾ تقرير ڪندي ملڪ جي معاشي ۽ سماجي حالتن تي ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ حڪمرانيءَ جي طريقيڪار ۾ تبديلي ڪرڻ جي راءِ ڏني.

نواز شريف جنرل جهانگير ڪرامت جي تقرير کان ناراض ٿيو. هن فوج جي سربراهہ سان ميٽنگ ڪئي، جنهن کانپوءِ اعلان ڪيو ويو تہ فوج جي سربراهہ استعيفا ڏئي ڇڏي آهي. اهو هڪ حيرت انگيز واقعو هو. پاڪستان ۾ ان کان اڳ ڪڏهن بہ اهڙيءَ طرح ڪُليل نموني ۽ اعتماد سان ڪنهن فوجي جرنيل کان استعيفا نہ ورتي وئي هئي. فوجي جنرل کان استعيفا وٺڻ کان پوءِ وزيراعظم ۽ فوج ۾ اختلاف ٿي پيا. فوج جي سربراهہ جنرل پرويز مشرف سان وزيراعظم جا لاڳاپا خراب کان خراب تر ٿيندا ويا ۽ وزيراعظم جنرل مشرف کي ان جي عهدي تان هٽائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

12 آڪٽوبر 1999ع تي جڏهن جنرل پرويز مشرف پنهنجو سريلنڪا وارو دؤرو پورو ڪري واپس اچي رهيو هو تہ نواز شريف هن جي جڳهہ تي آءِ ايس آءِ جي چيف جنرل ضياءُ الدين کي فوج جو نئون سربراهہ مقرر ڪيو ۽ حڪم ڏنو تہ جنرل مشرف کي کڻي ايندڙ پي آءِ اي جي ڪمرشل جهاز کي پاڪستان ۾ لهڻ نہ ڏنو وڃي. فوج ۾ ناراضگيءَ جي شديد لهر ڊوڙي وئي. راولپنڊيءَ جي ڪمانڊر وزيراعظم کي گرفتار ڪري ورتو ۽ ڪراچيءَ جي ڪمانڊر ايئرپورٽ تي قبضو ڪري جنرل مشرف کي خيريت سان لاهي ورتو. ٻئي ڏينهن جنرل مشرف اقتدار پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ پاڪستان ۾ هڪ نئين فوجي دؤر جو باب شروع ٿي ويو. جنرل اسلم بيگ جيان جنرل مشرف بہ پنهنجي اقتدار جي سربراهيءَ لاءِ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر وارو ليبل ڪڻڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جو لقب اختيار ڪيو. هميشہ جيان عدليہ بہ ***"سر تسليمِ خم ہے، جو مزاج یار میں آئے"*** جي مصداق جنرل مشرف جي ان قدم کي جائز قرار ڏنو.

جنرل پرويز مشرف لاءِ شروعاتي بہ سال مالي مشڪلاتون پيدا ٿيون، پر آمريڪا ۾ 11 سيپٽمبر 2001ع واري واقعي کانپوءِ هن لاءِ آمريڪي امداد جون سڀ راهون کُلي ويون ۽ پاڪستان حڪومت لاءِ بين الاقوامي حمايت ملڻ سان گڏوگڏ مالي مشڪلاتون بہ ختم ٿي ويون. جنرل ايوب خان ۽ جنرل يحيٰ خان جي سُنت تي عمل ڪندي هن بہ پنهنجي صدر ٿيڻ لاءِ ريفرنڊم ڪرايو. 2002ع ۾ اليڪشن ڪرائي ۽ ماضيءَ جيان اسيمبليءَ ۾ هڪ تابعدار اڪثريت چونڊرائي ۽ اُن اڪثريت هن کي ڊسمبر 2007ع تائين صدر ۽ فوج جي سربراهہ رهڻ جو قانوني بل بہ پاس ڪيو پر رياست جي حالتن سُڌرڻ جو رُخ نہ ڪيو. مهانگائي ۽ بيروزگاري ڏينهون ڏينهن وڌي رهي هئي، ڌاڙيلن، قاتلن ۽ اغوا ڪندڙن جي حوصلہ

افزائي ٿي رهي هئي، فرقيواراڻين نفرتن ۾ ڪا گهٽتائي نہ آئي. هڪ فرقي جا ٻئي فرقي تي حملا جاري رهيا. بلوچستان ۾ لاقانونيت جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ ريل جون پٽڙيون، بجليءَ جا ٿنڀا، گئس جون لائينون نشانو بڻيون. وڏن بلوچ سردارن ۽ اسلام آباد جي وچ ۾ فاصلا وسيع کان وسيع تر ٿي ويا. خاص طور تي بگٽي قبيلو وفاقي حڪومت جي توجهہ جو مرڪز بڻجي ويو ۽ اڳوڻو نائب وزير دفاع، اڳوڻو وزيراعليٰ ۽ اڳوڻو گورنر بلوچستان سردار نواب اڪبر بگٽي سرڪاري گولين جو کاڄ بڻجي ويو. هوڏانهن صوبي سرحد جي قبائلي علائقن ۾ بيچيني بيحد وڌي وئي. نيم فوجي دستا ميدان تي لهي آيا. انتهاپسندن جي مقابلي ۾ سوين فوجي مارجي ويا.

# انتظاميه بمقابله عدليه

مارچ 2007ع ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن سان هڪ ٻيو بحران پيدا ٿي ويو. صدر جنرل پرويز مشرف فيصلو ڪيو ته پاڪستان جي چيف جسٽس کي فارغ ڪري ڇڏجي، اها ڪا نئين ڳالهه نه هئي، گذريل سَٺ سالن ۾ ڪيترائي چيف جسٽس عهدن تان لاٿا ويا هئا. جيڪو نظام وزيراعظم کي فارغ ڪري سگهي ٿو ڇهه صدر گهر پيڙو ڪري سگهي ٿو ۽ ڏهه پارليامينٽون ٽوڙي سگهي ٿو ان لاءِ ڪنهن چيف جسٽس کي فارغ ڪرڻ ڪهڙو مشڪل هو. هن دفعي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ استعيفا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. سڄي ملڪ جي ننڍين وڏين عدالتن جا وڪيل هڪ گڏيل برادريءَ جيان ميدان ۾ لهي آيا. چيف جسٽس دؤرن تي نڪري پيو. جتي هن جا زبردست استقبال ڪيا ويا. تيرنهن ججن تي مشتمل سپريم ڪورٽ جي تيرنهن ئي ججن چيف جسٽس جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ افتخار محمد چوڌري ٻيهر پنهنجو عهدو سنڀاليو. جنهن سان عدليه ۽ انتظاميه جي اختلافن جي ڪري پيدا ٿيل بحران ختم ٿي ويو. پر جيستائين پاڪستان مڪمل طور جمهوري ملڪ نه ٿو بڻجي، تيستائين عدليه ۽ انتظاميه جي وچ ۾ مسئلا پيدا ٿيندا رهندا.

# مسئلا ۽ اُنهن جو حل

مٿين بيان ڪيل قصي مان واضح ٿئي ٿو ته پاڪستان نهڻ جي ڇهن سالن اندر ملڪ اهڙن مسئلن ۾ وڃي ڦاٿو جن جو حل سَٺ سال گذرڻ ڪان پوءِ به نه نڪري سگهيو آهي. اقتدار ڏٽين حل ڪيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر اها اُبتي ٿي وئي. سڀ تدبيرون ڪو علاج نه ڪري سگهيون. جن ڳنڀير معاملن جو حل پاڪستان جي رياست نه ڏئي سگهي اُهي اڄ به وڌيڪ شدت سان موجود آهن.

اڄوڪو پاڪستان هڪ ناڪام رياست جو نقشو پيش ڪري ٿو. رياست هلائڻ لاءِ ڪنهن به قائدي قانون کي ليکي ۾ نٿو آندو وڃي. اسان نوان نوان آئين ٺاهيون ٿا ۽ پاڻ ئي انهن کي ٽوڙي ڇڏيون ٿا. حڪومتون آڻيون ٿا ۽ ڪيرائي ڇڏيون ٿا. اهو سڀ ڪجهه هڪ آزاد ۽ شفاف اليڪشن ۽ چونڊيل ادارن ذريعي نٿو ڪيو وڃي. عوام کي لاتعلق رکيو وڃي ٿو حڪمران طبقي اڄ تائين فقط طاقت ذريعي اقتدار قائم رکيو آهي.

*نہ تڑپنے کی اجازت ہے نہ فریاد کی ہے*
*گھُٹ کے مرجاؤں یہ مرضی میرے صیاد کی ہے۔*

اڄ عوام بيزار آهي، لاقانونيت ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو شهرين جي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ نه آهي، شڪايت ڪٿي وڃجي ته ڪنهن وٽ وڃجي؟ ٺاڻن ۽ عدالتن جا چڪر ڪاٽڻ ڪانپوءِ به شڪايت دور نٿي ٿئي. پاڪستاني رياست پنهنجي اهم ترين ذميداري يعني شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ ۾ جيتري ناڪام اڄ آهي، گذريل سَٺ سالن ۾ ڪڏهن به نه ٿي هئي. امير ماڻهن جا

گهر ۽ ڪاروبار پنهنجي پگهاردار محافظن جي هوندي به محفوظ نه آهن. هٿياربند گارڊ، بااثر سياسي ۽ سرڪاري ماڻهن جي گهر ۽ جان جي حفاظت تي لڳل آهن. چوويهه ڪلاڪ حفاظت لڳي پئي آهي، پر صدرِ پاڪستان ۽ ڪراچيءَ جي ڪور ڪمانڊر تي قاتلاڻا حملا ٿي چڪا آهن.

پاڪستان جو معاشرو مختلف صوبائي، علائقائي، لساني، ثقافتي، قبائلي، قوميتي ۽ مذهبي فرقيوارانه عقيدن جو شڪار هجڻ سان گڏوگڏ درياهي پاڻيءَ جي ورهاست، بجلي ۽ ان جي آمدنيءَ جي وصولي، علائقن جي معدني دولت، وفاق جي وصولي ۽ ورهاست ۽ ٻين ڪيترن ئي تضادن ۾ ڦاٿو پيو آهي. بظاهر هي تضاد سنگين لڳن ٿا ۽ وقت گذرڻ سان گڏ سنگين تر ٿيندا وڃن ٿا، اهي واقعي ڪي بنيادي نوعيت جا تضاد نه آهن. هڪ وقت هو جڏهن اهي تضاد پيدا نه ٿيا هئا، پر انهن جون پاڙون ضرور موجود هيون، پر اهي تضاد اڄ سنگين شڪلين ۾ نڪري ۽ وڌي چڪا آهن. ناجائز جبري حڪومتن جي پاڇي هيٺ آزادي ۽ خودمختياريءَ جو فقدان جان، مال ۽ عزت جو عدم تحفظ، انصاف جي ناڪامي ۽ انساني حقن جي پائمالي انهن کي ويتر اُڀاري ڇڏيو آهي. معاشري جي غلامانه ذهنيت بنيادي سببن جو تجزيو ناهي ڪيو پر انهن اعتراضن ۽ الزامن جي توپن جو رخ پاڙيسرين، هم مذهبين ۽ هم وطنن ڏانهن ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ملڪ هڪ همه گير انتشار ۾ وڪوڙجي ويو آهي.

اسان جو پيارو ملڪ جن مسئلن جو شڪار آهي، اُنهن ۾ اهم ترين هي آهن:

## 1. جان، مال ۽ عزت جو تحفظ:

پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ لاهور جي ميڊيڪل ڪاليج جون ڇوڪريون چانڊوڪي راتين ۾ شهر کان سورنهن ميل پري پنهنجي هاسٽل مان شيخوپوره جي واهه جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ لاءِ سائيڪلن تي سوار ٿي بنا خوف نڪري سگهنديون هيون، پر اڄ حالت اها آهي ته لاهور ۽ ڪراچيءَ جي روڊن تي ڪارون، موبائيل فونون ۽ پرس ڦُرڻ جون وارداتون عام آهن. ڪجهه علائقن کي ڇڏي باقي اڪثر علائقا رات جو سنسان ٿي وڃن ٿا. ٻاهر نڪرندڙن کي ڦُريو ويجي ٿو ۽ اُنهن جي جان کي به خطرو هجي ٿو. بس ۾ سفر ڪندڙ عورتن کي حراسان ڪيو وڃي ٿو. هر طرح جي ڏوهن ۾ اضافو ٿيو آهي. ڌاڙن، اعوائن ۽ قتل جون وارداتون عام ٿيون آهن. امير ماڻهن جي گهرن تي هٿياربند پگهاردار مقرر ٿيل آهن. ڪار ۾ محافظ گڏ هجن ٿا. وڏن آفيسرن ۽ وزيرن جي حفاظت جو خاص انتظام آهي.

گذريل سَٿ سالن ۾ جان، مال ۽ عزت جي تحفظ جو نظام آهستي آهستي تباهيءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. هر حڪومت ان کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. اڌ درزن کان وڌيڪ پوليس ڪميشنون ٺاهيون ويون. پوليس نفريءَ ۾ اضافو ڪيو ويو، پگهارون وڌايون ويون، جديد ڪميونيڪيشن اوزار حاصل ڪيا ويا، وڏيءَ دل سان ٽرانسپورٽ مهيا ڪئي وئي، پوليس جي اختيارن ۾ بي پناهه اضافو ڪيو ويو، خفيه پوليس کي مضبوط ڪيو ويو، ڏوهن جي سزائن ۾ اضافو ڪيو ويو. حڪومتن پنهنجي طرفان پوليس کي ان نظام کي زوال ۾ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ پوري پوري ڪوشش ڪئي، پر زوال نه رُڪجي سگهيو. اڄ ڪرائيدارن کان گهر خالي ڪرائڻ لاءِ يا زمينن تان ناجائز قبضو هٽرائڻ لاءِ يا ناجائز طور تي ڪنهن زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ غنڊن کان مدد ورتي وڃي ٿي. درياهن تي ٽريفڪ کان ٽول حاصل ڪرڻ لاءِ ٺيڪيدار به غنڊن کان مدد وٺن ٿا. آهستي آهستي پوليس مقابلن ۾ مرندڙ ماڻهن جو تعداد به وڌڻ لڳو آهي. جان، مال ۽ عزت جي تحفظ جي سلسلي ۾ سمورا الزام پوليس مٿان هڻڻ به صحيح نه آهي. جديد ترين اوزارن، اصلحي ۽ نفريءَ ۾ اضافو ڪافي ناهي هوندو، پر حقيقت ته اها آهي ته معاشري جي حالتن جو به پوليس جي ڪارڪردگي ۽ اهليت سان گهرو تعلق هوندو آهي. پوليس جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ معاشري جي حالتن کي به بهتر ڪرڻ ضروري آهي.

## 2. انصاف پريي نظام جو قيام:

پاڪستان جي ضلعن، تعلقن ۽ شهرن جي ڪنهن به عدالت ۾ انصاف جي حاصلات لاءِ ويندڙن کي گذريل تجربن مان پتو پئجي ويندو آهي ته معاملو ڏاڍو پيچيده ۽ ڏکيو آهي. طريقيڪار طويل آهي، هر قدم تي رشوت ڏيڻي پوي ٿي، سفارش ڪرائڻي پوي ٿي، جج يا آفيسر جي سامهون معاملو پيش ٿيڻ کان پوءِ عدالتي ڪارروائيءَ جا مرحلا طويل ٿيندا وڃن ٿا، ۽ فيصلن جي اپيلن جو سلسلو ڪيترائي سال هلندو رهي ٿو. انصاف ۾ دير انصاف کان انڪار جي برابر هوندي آهي. پنجاب ۾ انگريزن جي ڇڏيل عدالتن کان سواءِ شرعي عدالتون به آهن. نجي پنچائتون به فيصلا صادر ڪنديون آهن. جنهن ۾ عورت کي به زنابالجبر جي سزا ٻُڌائي ويندي آهي. صوبي سرحد ۾ انگريزي عدالت، جرڳي، شرعي عدالت ۽ مالاڪنڊ ۾ نجي قاضي سسٽم به فيصلا صادر ڪندا آهن. بلوچستان ۾ پختون ۽ بلوچ علائقن ۾ انصاف جي نظام ۾ فرق به آهي. پنجاب جيان سنڌ ۾ به ڪيترن ئي قسمن جون عدالتون آهن. پاڪستان ۾ عدالتون مختلف قانونن ۽ روايتن تحت ڪم ڪنديون آهن. وڌيڪ

امير ماڻهن ۽ بااثر فردن کي فيصلو حاصل ڪرائڻ ۾ آساني ٿيندي آهي. مختصر طور تي اهو سڀ ڪجهه آهي، پر انصاف ۾ دير انصاف کان انڪار آهي.

## 3. منصفاڻي معاشي نظام جو نفاذ:

پاڪستان ۾ غير منصفاڻي پيداواري نظام جي ڪري ملڪ جي اڪثر آباديءَ کي غربت ۽ مفلسيءَ جي گهرين کاهين ۾ ڪيرايو ويو آهي. انگريزن جي زماني کان رياستي جبر جي مشين ان معاشي نظام جو تحفظ ڪري رهي آهي ۽ حڪمران طبقا جن جي هٿ ۾ قانوني طور تي ان مشينريءَ جي واڳ آهي، سي مفاد حاصل ڪري رهيا آهن. سڄي ملڪ ۾ آباديءَ جي وڏي اڪثريت نظام جي پيدا ڪيل معاشي ناانصافين ۽ تڪليفن ۾ مبتلا آهي. عوام ڏينهن رات حڪمرانن خلاف نفرت جو اظهار ڪرڻ ۾ مصروف آهي. حڪومت جي اهلڪارن کي لُٽ مار ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو. پيداوار مزدور، هاري، ٽرانسپورٽر، ٽيڪنيڪل ۽ پيشيور فرد ڪندا آهن، پر مفاد ان جي اُبتڙ اقليتي آبادي پنهنجي طاقت جي بل تي حاصل ڪري ٿي.

## 4. آزاديءَ جو جذبو ۽ خودمختياري:

پنجاب کانسواءِ اوڀر بنگال، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان جي علائقن ۾ قوميتي، ثقافتي ۽ سياسي بنيادن تي آزادي ۽ خودمختياريءَ جا جذبا 1947ع کان اڳ ئي موجود هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهن جذبن جو اظهار مطالبن جي صورت ۾ سامهون اچڻ شروع ٿيو پر مرڪز ۽ صوبن ۾ اقتدار ڏٽين انهن کي موٽ نه ڏني. شهرين جي مطالبن ۽ احتجاج تي انتظاميه لاٺي چارج ڪرائي، ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل اُڇلايا، گوليون هلرايون ۽ فوجي ڪارروائي ڪرائي، جڏهن ته احتجاج ڪندڙن سان ڳالهه ٻولهه به ٿي سگهي پئي. انهن جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ ڪيئي سازشون ڪيون ويون. اُنهن جي خلاف عوام ۾ غير مقبول ڪٺ پُتلي ماڻهو ٻيهاريا ويا. اقتدر ڏٽين کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي مطالبن جو حل طاقت جي استعمال سان نٿو ڪيو سگهجي. علائقن جي اڪثريت جي عوام جي دل ۾ هڪ ڀيرو آزادي ۽ خودمخياريءَ جا جذبا گهر ڪري ويهن ته پوءِ اُهي صدين تائين قائم رهڻ جي اهليت رکندا آهن، جنهن جا جديد دنيا جي تاريخ ۾ سوين مثال ڏئي سگهجن ٿا، ۽ دنيا ۾ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جا جذبا رکندڙ ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي آهي.

## 5. جائز حڪومتن جو قيام:

ڪنهن به حڪومت جي ڪاميابي ۽ مضبوطيءَ جي لاءِ عوام ۾ اُن کي جائز مڃڻ ضروري هوندو آهي. جمهوري حڪومت اچڻ کان پهرين بادشاهي حڪومتن

۾ بادشاهہ کان پوءِ ان جي وڏي پٽ کي حڪومت جو جائز يعني Legitimate سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن بادشاهہ کي ڪو ٻيو بادشاهہ يا حڪمرانيءَ جو دعويدار جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏئي ڇڏي تہ پوءِ فاتح کي حڪومت جو وارث قرار ڏئي ڇڏيو ويندو هو. جمهوري دؤر اچڻ کان پوءِ ڪنهن حڪومت کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ ضروري ٿي پيو آهي تہ اُها عوام جي چونڊيل ادارن جي ٺاهيل آئين ۽ قانون جي ذريعي وجود ۾ آئي هجي. 14 آگسٽ 1947ع کان پوءِ قائداعظم جي صدارت هيٺ وزيراعظم لياقت علي خان جي سربراهيءَ ۾ قائم ٿيندڙ حڪومت جو جواز برطانوي پارليامينٽ جي حڪومت جو قانون هو. قائداعظم کان پوءِ خواجہ ناظم الدين جو گورنر جنرل ٿيڻ ۽ لياقت علي خان جي قتل کانپوءِ ان جو وزيراعظم ٿيڻ بہ قانون جي مطابق هو. اهڙيءَ طرح قائداعظم ۽ لياقت علي خان جي مقرر ڪيل وزير خزانا، آفيسر جي نمائندي غلام محمد جو گورنر جنرل جي عهدي تي پهچڻ بہ نيم جمهوري چئي سگهجي ٿو. لياقت علي خان ۽ خواجہ ناظم الدين جي زماني ۾ اُن کانپوءِ ايندڙ حڪومتن جي نالي تي جهڙيءَ ريت مرڪز ۽ صوبن جي انتظاميہ حڪومتن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ لاءِ ڪيترائي وزيراعليٰ، ايتري قدر جو وزيراعظم بہ غير جمهوري ۽ غير آئيني طريقي سان نامزد ۽ هٽائي ڇڏيا. انهن حڪومتن جو جمهوري جواز نہ هو. اليڪشنن ۾ بي قاعدگيون ڪيون ويون. عوام جي چونڊيل نمائندن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ لالچن ۽ رشوتن جا حربا استعمال ڪيا ويا، ڌمڪيون ڏنيون ويون ۽ مختلف طريقن سان حراسان ڪيو ويو. جڏهن انهن حربن سان ڪم نہ هليو تہ رياست جي بي پناهہ طاقت کي استعمال ڪيو ويو. ان ڪيترن ئي حربن جي کُليل استعمال جي ڪري عوام حڪومتن ۽ حڪمرانن کي جائز نہ سمجهيو. 1953ع ۾ گورنر جنرل جي قلم مان آئيني اسيمبليءَ جي ٽٽڻ کي سنڌ چيف ڪورٽ غلط، ڪالعدم ۽ بي اثرقرار ڏنو پر فيڊرل ڪورٽ ان فيصلي جي اُبتڙ فيصلو ڏئي ڇڏيو. آئين ساز اسيمبليءَ جي فيصلن کي جائز هجڻ لاءِ گورنر جنرل جي منظوري لازمي قرار ڏني وئي، جيڪو جمهوري نظام جي لاءِ قتل ثابت ٿيو. 1958ع ۾ سپريم ڪورٽ ايوب خان جي مارشل لا کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ "نظريہءِ ضرورت" ايجاد ڪيو. ان نظريي مان اهو مطلب ڪڍيو ويو تہ جهڙيءَ ريت ڪنهن جنگ ۾ وقت جي بادشاهہ جي شڪست کانپوءِ کٽيندڙ بادشاهہ جي حڪومت کي جائز قرار ڏنو ويندو آهي، اهڙيءَ ريت پاڪستان ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان جي

سربراهيءَ ۾ فوج جي حڪومت جي قبضي کي بہ جائز سمجهڻ گهرجي. 1969ع ۾ جڏهن ايوب خان سمجهي ويو تہ هو پنهنجي حڪم هيٺ فوجي ۽ سول انتظاميہ کي قائم رکڻ ۾ ناڪام ٿي رهيو آهي تہ هن پنهنجي ئي تاهيل آئين جي خلاف ورزي ڪندي حڪومت جنرل يحيٰ خان حوالي ڪري ڇڏي. ٻن سالن ڪانپوءِ جڏهن يحيٰ خان جي فوجي آفيسرن سندس حڪم هيٺ رهڻ کان انڪار ڪيو تہ هن ڊسمبر 1971ع ۾ ملڪ جي واڳ سياسي ليڊر ذوالفقار علي ڀُٽي جي حوالي ڪري ڇڏي. اهڙيءَ طرح آڪٽوبر 1958ع ۾ آئين ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي جيڪا ناجائز حڪومت قائم ڪئي وئي هئي، اُها ناجائز طريقي سان ذوالفقار علي ڀُٽي کي ملي.

ذوالفقار علي ڀُٽي پنهنجي حڪومت کي جائز حڪومت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ 1970ع ۾ چونڊيل آئين ساز اسيمبليءَ کان اپريل 1972ع ۾ عبوري آئين ۽ 1973ع ۾ مستقل آئين منظور ڪرايو. اهڙيءَ طرح تيرنهن سالن جي وقفي کان پوءِ پاڪستان کي هڪ جائز ۽ چونڊيل حڪومت نصيب ٿي. جولاءِ 1977ع ۾ فوجي جرنيل ضياءُ الحق پاڪستان جي حڪومت تي قابض ٿي ويو. آئين جي ڀڃڪڙي ڪندي هن سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس تبديل ڪيو. جنهن 1979ع ۾ پاڪستان جي آئيني وزيراعظم کي ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪائي ڇڏيو. ضياءُ الحق پنهنجي حڪومت کي جائز بڻائڻ لاءِ ڪيترائي مختلف قسمن جا جتن ڪيا. پنهنجي حق ۾ ڊانڊليءَ وارو بوگس ريفرنڊم ڪرايو. مارشل لا جو سهارو وٺندي آئين ۾ تبديليون ڪيون ۽ سپريم ڪورٽ جي ججن ۾ تبديلي ڪري پنهنجون حمايتي ڪورٽون ٺاهيون. ڪوڙي اليڪشن ذريعي بوگس اسيمبلي بڻائي، وزيراعظم بڻايو ۽ ان جي حڪومت کي قانوني ۽ جائز حڪومت طور پيش ڪيو. پوءِ ضياءُ الحق تہ هوائي جهاز جي حادثي ۾ مارجي ويو پر ايندڙ يارنهن سالن تائين هن جو قائم ڪيل ناجائز نظام قائم رهيو. فوجي سربراهہ جي اشارن تي وزيراعظم ايندا ويندا رهيا. راڄ آفيسر شاهيءَ جو رهيو. ڪُرسين تي ويٺل سياستدان گاريون کائيندا رهيا. ناجائز حڪومتن ذريعي ملڪ جو ڪاروهنوار نہ هلڻو هو سو نہ هلي سگهيو.

1999ع ۾ هڪ دفعو وري فوجي حڪومتن وارو دؤر آيو جنهن کي هلائڻ جو ڪُٽو جنرل پرويز مشرف جي نالي جو نڪتو. هن ماضيءَ جيان ريفرنڊم ۽ اليڪشن ڪرايون ۽ سول حڪومت قائم ڪئي. قصو مختصر تہ گذريل سَٺ سالن ۾ پاڪستان ۾ جائز جمهوري حڪومتن کي فقط ٽي عرصا مليا. 1947ع

کان 1949ع تائين، 1956ع کان 1958ع تائين، 1972ع کان 1977ع تائين، يعني سَتن سالن ۾ رڳو تيرنهن سال! ڪا تعجب جي ڳالهه ناهي. پاڪستان جي ماڻهن ان سڄي عرصي ۾ انهن ناجائز حڪومتن کي ڪڏهن بہ جائز نہ سمجهيو ۽ سدائين ان خلاف ٿي رهيا.

## 6. انساني حقن جي فراهمي:

آزاد فضا ۾ آزاديءَ واري زندگي هر شهريءَ جو حق ۽ خواهش هوندي آهي. اُن ۾ هيٺيون آزاديون اهم ترين آهن:

شهريءَ جي فقط قانوني شڪل ۾ گرفتاري، شهريءَ جي گهر ۽ جسم جو تقدس، گرفتاريءَ جي صورت ۾ هڪدم عدالت ۾ پيشي، وڪيل ڪرڻ جو حق، منصف عدالت جي سامهون پيشي، ڏوهہ ثابت نہ ٿيڻ تائين ملزم کي بيگناهہ قرار ڏيڻ، غير انساني سزا ۽ سزاءِ موت جو خاتمو، تقرير ۽ تحرير جي آزادي، يونين ٺاهڻ جي آزادي، رسالا ۽ اخبارون ڪڍڻ، ريڊيو ۽ ٽي وي اسٽيشنس هلائڻ جي آزادي، ادارن ذريعي حڪومت، آزادانہ چونڊون، آئين تحت قانون جي حڪمراني، قانون ۽ آئين ۾ مڪمل طور شهرين کي ڏنل انساني حقن جو تحفظ، مذهبي معاملن جو جبر کان پاڪ هجڻ، شهرين کي عقيدا رکڻ ۽ تبديل ڪرڻ جي آزادي، مذهبي رسمن ادا ڪرڻ جي آزادي، مذهب کي ذاتي عقيدو قرار ڏيڻ ۽ حڪومت جو مذهب کان الڳ هجڻ، شهريءَ کي پوري ملڪ ۾ آباد ٿيڻ ۽ روزي ڪمائڻ جي آزادي، ملڪ ۾ داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر وڃڻ جي آزادي، جبري پورهيي ۽ غلاميءَ مان آزادي، مزدورن جي ڪم جو وقت، ڪم ڪرڻ جو قانوني طور تي انساني ماحول هجڻ، مذهب، ثقافت، ٻولي، نسل ۽ جنس جي بنياد تي ڪنهن بہ تفريق جو نہ هجڻ. عورتن ۽ ٻارن جي حقن جو مڪمل تحفظ

پاڪستان کي مستقبل ۾ انهن بحرانن کان نجات حاصل ڪرڻ ۽ مستقل طور تي آزاديءَ واري فضا ۾ امن ۽ امان ۽ انصاف قائم ڪرڻ ۽ معاشي اڻ برابريون ختم ڪرڻ لاءِ هيٺيون اُصولي ۽ قانوني تبديليون تجويز ڪجن ٿيون:

(1) اهو مڃيو وڃي تہ سڀ کان سُٺي رياست اها آهي، جنهن ۾ شهرين تي رياستي جبر جي استعمال جي ضرورت گهٽ کان گهٽ اچي ۽ معاشري جي فرضن جي ادائگيءَ جي لاءِ شهرين کي آزادي گهٽ کان گهٽ ميسر هجي، جنهن ۾ بين الصوبائي واپار جي آزادي شامل هجي، پر آزادين ۾ ٻين جي محنت جي ڦل جي

غير منصفاڻي ورهاست جي اجازت نہ هجي. ملڪ جي آئين جو مقصد شهرين جي طاقت کي دٻائڻ ۽ اُنهن تي ڪنٽرول ڪرڻ نہ هجي، پر اُنهن کي وڌ کان وڌ معاملن ۾ اُنهن کي فيصلو ڪرڻ ۽ معاشري جو انتظام هلائڻ ۾ مدد ڪري.

(2) وفاقي حڪومت کي دفاع، پرڏيهي معاملا، بين الاقوامي واپار، ڪسٽم، پاڪستان جي شهريت، ڪرنسي، موسم ماپڻ تورڻ جا اوزار، درياهي پاڻيءَ جي ورهاڱي،وفاقي ادارن لاءِ سِول سروسز، سپريم ڪورٽ، وفاقي معاملن ۾ فيصلن لاءِ عدالتون ۽ پنهنجن خرچن لاءِ ٽيڪس جا ڪاتا ڏئي سگهجن ٿا.

(3) صوبي لاءِ قانون سازيءَ جا اختيار صوبي جي چونڊيل ادارن وٽ هجن، پر اُنهن اختيارن ذريعي صوبو ڪو اهڙو قانون نہ ناهي، جنهن تحت اُهو تعلقي، شهر، ڳوٺ يا هيٺين سطح جي ادارن جي حڪمرانيءَ جي اختيارن کي گهٽ ڪري سگهي. صوبي جي تحويل ۾ اختيارن ۾ مثال طور واهہ، وڏا روڊ، ريل، ٽرانسپورٽ، يونيورسٽيون، تحقيقاتي ادارا، بجليءَ جي پيداوار، هاءِ ڪورٽ، صوبائي ملڪيتن جي سار سنڀال جا ادارا ۽ ادارن جي ڪارڪردگيءَ لاءِ پوليس ضلعن جي مدد لاءِ رِزرو پوليس، صوبائي ادارن لاءِ سِول سروس، آثارِ قديمہ، زراعت ۽ صنعت، صوبائي حڪومتن لاءِ عدالتون، آمدنيءَ تي ٽيڪس، بئنڪ، انشورنس جي نوعيت جا ادارا هجن. (نوٽ: اها فهرست حتمي ناهي، اڻپوري آهي.)

(4) باقي ڪاتا ۽ اختيار، ضلعي،تعلقي، شهر ۽ هيٺين سطح تي هجن، جن جا انتظام يا فيصلا هيٺين سطح جا چونڊيل ادارا ڪري سگهن. اهي معاملا فيصلي ۽ انتظام جي لاءِ مٿين سطح کي نہ ڏنا ويندا. فوجداري ڪيس، قبضي ۽ ملڪيت جا فيصلا مقامي عدالتن ۾ پيش ٿين، جتي ڏوهہ يا دعويٰ جي ثابت ٿيڻ يا نہ ٿيڻ جو فيصلو ڏرين جي اتفاق سان چونڊيل جيوري ڪري، پر سزا جج تجويز ڪري. جيوريءَ جي فيصلي جي خلاف ڪيس يا اپيل بہ نہ ڪري سگهجي.

مٿي بيان ڪيل تبديلين سان قوميتن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي جذبي کي پوراءُ ملندو، معاشي استحصال ختم ٿيندو، اقتدار عوام کي منتقل ٿيڻ کان پوءِ رياست تي ڪو ناجائز قبضو نہ ٿيندو، شهرين جي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ ٿيندو ۽ انصاف جو نظام قائم ٿيندو جيڪو واقعي ئي انصاف هجي، ۽ عوام بہ ان کي انصاف ئي سمجهي. انساني حقن جون ڀڃڪڙيون وڏيءَ حد تائين ختم ٿي وينديون، پاڪستان هڪ مضبوط، پائيدار ۽ خوشحال رياست بڻجي ويندو.